ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو

قاضي قادن

1978-4 قسط پهريون

هندستان مان، تازو شايع ٿيل ڪتاب 'قاضي قادن جو ڪلام'، ڀاءُ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ڏياري موڪليو. جنهن ۾ هن جي شري هيري ٺڪر ڪي، جنهن 'قاضي قادن' جا 112 بيت، منظرِ عام تي آندا آهن. هيءَ هڪ وڏي ادبي خدمت آهي، جا ادبن ۽ عالمن جو ڌيان ڇڪائي ٿي.

سچ پچ ته شري هيري ٺڪر جي تحقيق، سنڌي ادب ۾ نه رڳو بنيادي اضافو آهي، پر 'سنڌي لغت' لاءِ اڻ قيمتي مواد آهي. تنهن کانسواءِ بيتن کي اعرابن سان سولو ڪري، معنيٰ ۽ شرح سان سينگاري، مبارڪن جو مستحق ٿيو آهي. اِهيءَ چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته هيري صاحب، ٻين محققن لاءِ، تحقيق جو ميدان گهڻي ڀاڱي هموار ڪري ڇڏيو آهي. ڪيترا اهڙا به الفاظ سنڌس ڪتاب مان ملن ٿا، جي اڳين شاعرن ۽ سگهڙن پڻ ڪم آندا آهن. جيڪڏهن ڪو اديب، هينئر "سنڌي ادب جي تاريخ" لکندو ته شري هيري ٺڪر کي ضرور ياد ڪندو، ورنه تحقيق جي هڪ ڪڙي گم نظر ايندي.

ڪتاب جي مطالعي مان صاف ظاهر آهي ته شري هيري ٺڪر، ڪتاب کي پنهنجي مغز جي مِڪَ سان لکيو آهي؛ ڇاڪاڻ ته ڪتاب هرطرح سان، ادبي سينگار جو مرڪز نظر اچي ٿو. ڇا لفظن جو تلفظ، ڇا لفظن جي معنيٰ ۽ ڇا سيڙهي سمجهاڻي! مطلب ته ٺڪر صاحب، ڪتاب کي سوڌي، سنواري ۽ سينگاري پيش ڪيو آهي، جنهن لاءِ، ان فن جا ڳولائو، سنڌس ٿورائتا ٿيندا.

ڪتاب شايع ٿيڻ کان پوءِ، هڪ ڳالهه جي وضاحت ٿي ته اصل قلمي نسخي تي "ڪاجيي ڪادن جيي ڪيي ساکي" لکيل آهي. اها "ڪادن" واري ڳجهارت. پنجن سون ورهين کان، سنڌ تي پيئل هئي. جيتوڻيڪ سنڌ جي عالمن، اديبن، پارکن ۽ ڳوليندڙن 'ڳجهارت' کي پَچڻ لاءِ، ڏَڪن پٺيان ڏَڪ پئي هنيا، پر تڏهن به پيهجيي ويئي هئي. پڇاڙيءَ وارو هنڌائتو ڏَڪ، سنڌ جي مشهور محقق محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هنيو، جنهن ڪري "قادن" واري ڳجهارت پَجيي پئي، جو قلمي نسخي تي به 'قادن' لکيل آهي.

يقين آهي تہ ’قاضي قادن جو ڪلام‘ مان ڳوليندڙن کي تحقيق لاءِ ڪيترين ئي ليون ڳالهين نظر ايندي. دادا ڄيٺرامداس دولترام لکي ٿو:

”هيري ٺڪر جي هن کوج-ڪشالي مان هڪ ڪان وڌيڪ ڦل مليا آهن، جو سنڌ هند جا سنڌي عالم، نہ رڳو سنڌس پورهئي جو نتيجو ماڻيندا، پر منجهائن جن کي اِن قِسم جي کوج جي سڪ چڪ آهي، سي سنڌس ڪتاب مان سنڌي ٻوليءَ جي اوسر ۽ وڪاس جي اتهاس تي چڱي روشني وجهي سگهندا.“

ڪيترن شاعرن جو ڪلام، اسان وٽ موجود آهي، پر سنڌن اصلوڪي آستاني جو ڪو پتو ڪونهي. البتہ ڪلام جي آڌار تي چئي سگهون ٿا تہ فلاڻي ڪ فلاڻي پاسي جو هوندو، پر تڏهن بہ ”يقين“ جو لفظ، الهن مان لاڳو ڪري نہ سگهنداسين ”لَڇِوُ“ شاعر، سنڌ ۾، مشهور ٿي گذريو آهي، پر سنڌس باري ۾، ڪا حقيقي خبر ڪانہ آهي؛ فقط سنڌس ڪلام جي لفظي مواد کي ڏسي، چئي سگهبو تہ ’ٿر‘ پاسي جو آهي:

سِي ٽَرالڳيُون نہ تنجَنِ، ڪونهن جَنِي ڪُونگرا،
مِرالڪَ جَنِي جِي سُومرا، رَتوهي رجَنِ،
لِپٽَنِ جو لَڇِوُ چئي، پِيـٽا آهي پُڄَنِ،
ڪَنڪوا ڳجَنِ، هَرَلئي ٿيندي سومرا.

جوڳيسَر بہ مشهور شاعر ٿي گذريو آهي:

ڪَڪَنَ ڪجِي آئيا، مَٿي ٿرَ ٿَمِيءَ،
ڪي ڪَجا، ڪي ڪُڄا، ڪي ڪُڪَر مَنجهہ ڪَهِيءَ،
ڪُجاوَ تيُون ڪَجهرَ جون، آيون چڙهہ چڙهِيءَ،
ياريُون تن پِٽن تي، ڪَنِ پون سُونڪَ سَهِيءَ،
آهِي ۽ پَهِيءَ، سَيُئي ماريان سومرا.

جوڳيسر جي ٻولي ٻڌائي ٿي تہ ٿرَ جو شاعر آهي.

شري هيرو ٺڪر بہ قاضي قادن جي بيتن جي ڪسوٽي مقرر ڪندي چوي ٿو:

”قاضي قادن جي تازو مليل بيتن جي ٻوليءَ سرائڪي/ ملتاني ۽ پنجابيءَ کان متاثر ٿيل سنڌي آهي. سرائڪي/ ملتاني اثر ٻوليءَ جي وياڪرڻ واري روپ يا جوڙجڪ تي ڇانيل آهي. ٻوليءَ جي شَبداوَليءَ (Vocabulary) اُن کان گهٽ متاثر نہ ٿي آهي. قاضي قادن ٻکر جو رهندڙ هو، جو اتر سنڌ ۾ آهي. اهو علائقو جاگرافيائي طرح ملتان جا صدين کان پاڻ ۾ سياسي، روحاني ۽ سماجڪ لاڳاپا رهيا آهن ۽ ملتان

صوفين جو ڳڙهه ٻه رهيو آهي. اِلڪري قاضي قادن جي سنڌي ٻوليءَ تي اهو اثر سياويڪ آهي".

شري هيري ٺڪر، قاضي قادن جي ڪلام کي پرکڻ لاءِ، ستين ڪسوٽي قائم ڪئي آهي، پر ٽڏهن ٻه، اهڙا ڪي ٻيون ڪسوٽيون ٻه آهن، جن تي ڪنهن ٻه شاعر جي ڪلام کي پرکي، جدا ڪري سگهجي ٿو:

١- قافيا

قاضي قادن جا جيڪي سَتَ بيتَ مليا آهن، تن مان ڪوبه اهڙو بيت نہ آهي، جنهن جي قافيہ ۾ ڏَڏُ ٻيل هجي. جئن:

1- جوڳيي جاڳايوس، سُتو هوس ليٽيو ۾،
تِهان ٿيو ڏيهوس، ڀريان سنڌي ٻيچري.
2- سَڄڻ سَنجهه هُئام، سون وِٽهي واءُ ٿيا،
هيڏان هوڏان هٿڙا، هيٺين جاڙ وِڏام.

"قاضي قادن جو ڪلام" مان ڪن بيتن جا قافيا:

1- سَئن پالَنهي سونُ، هي جَرَ ٻوسُ جَرڪٽونُ،
وِيٺن وَرائي ونُ، ڪَنہُ لڳي ڪارو ٿيو.

قافيا آهن: 'سونُ' ۽ 'ونُ'".

درحقيقت 'سونُ' سان قافيو 'هونُ'، 'اونُ' وغيره ٿي سگهن ٿا. 'سونُ' سان 'ونُ' جو قافيو نٿو ٺهي. جيڪڏهن "قاضي قادن جو ڪلام" ۾، قلمي نسخي واري پڙهٽي- ديوناگري لپيءَ واري- ٻه آندل هجي ها تہ صحيح تلفظ لاءِ، ويچار ڪري سگهجي ها. اَئِين سمجهان ٿو تہ اهو لفظ 'سونُ' نہ، پر 'سُوَنُ' آهي. جيتوڻيڪ معنيٰ ٻنهي جي ساڳي آهي، پر قافيہ کان 'سُوَنُ'، 'سونَ' کان اصح ٿيندو.

'سونُ'، پراڪرت 'سُوَڻُ'. سنسڪرت 'سُوَرڻُ'=سُ=چڱو+ وَرڻُ=رنگ. سهڻي رنگ وارو.

اڳين سگهڙ شاعرن ٻہ گهڻو ڪري 'سُوَنُ' ڪم آندو آهي. هڪ بيت پيش ڪجي ٿو:

سُوَنَ سَرسا سهڻي، سَتَ پاتر نيڻي نار،
سِهہَ ڳچي، ڪَٽ ڪيسري، آرگ آليهر وار.

[سُوَنَ=سونُ (Gold). سرسا=سرس، وڌيڪ. سَتَ=ٻَتَ. پاتر= پٽر. ست پاتر= پٽر جو ٻُتُ: سو ٿيو "سرمون". نيڻي=نيڻ=اکيون. نار=عورت. سِهہ=ڪُونج. ڪَٽ=ڪمر، چيلهہ. ڪيسر=شينهن. ارگ=نالگ. اليهر=نالگ].

شاعر چوي ٿو ته، "اها عورت، سون ڪان به سولهن ۾ سرس هئي. ڪيس اکين ۾ سرمون پيل هو. سندس ڳچي، ڪونج جيان ڊگهي ۽ ڪمر، شينهن جيان لڪدار هئي، ۽ وار، لانگ جيان ڪارا، ڊگها ۽ خوفناڪ."

ٻهرين بيت جي ٻيي مصرع ۾، "ون" لفظ آهي، جو پڻ 'رنگ' جي معنيٰ ۾ آهي. ون. سنسڪرت 'ورڻ'=رنگ.

2. توڙي هوءِ نه وسهون، سڀين سهسين ماڙوهين،
اکين ڪين، متاع، جتي هوئين مان پرين.

آءٌ سمجهان ٿو ته بيت جا قافيا آهن: وِسهون ۽ متاع. اهي قافيا ڏڏ وارا آهن. 'وِسهون' بدران 'وِسا' يا 'ويسا' يا 'وِساهه' هوندو، تڏهن ته 'متاع' سان ميل کائيندو.
وسا، ويسا يا ويساهه=ويساهه، اعتبار.

3. جئن قـقـڙ ماهه ۾، اهڙي روزا عيد نماز،
اجـا آهي ڪـا ٻـي، الله دي حاج.

قافيا آهن: نماز ۽ حاج.
قلمي نسخي ۾ 'نماز' بدران 'نماج' هوندو، تڏهن ته 'حاج' سان قافيو ملندو.
قاضي قادن جهڙو عالم، اهڙا قافيا ڪم آڻيندو؟ تنهنڪري گمان غالب آهي ته اهي بيت قاضي قادن جا نه آهن.

2. ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ، ٻن محاورن ۾.

توڙي هوءِ نه وِسهون، سڀين سهسين ماڙوهين،
اکيون ڪين، متاع، جتي هوئن مان پرين.
ڪين=ڪائين.

سچاٽو آئي سينهن، ڏووڻن وسن جهنگ ۾،
سو ڪڙ ڪاون ڪين، ماس جنهين کو ليکيو.
ڪاون=ڪائن.

ساڳيو شاعر، هڪڙي هنڌ 'ڪين' ۽ ٻئي هنڌ 'ڪاون' ڪم آڻي، سو بعيد از قياس آهي. اهو الهيءَ ڪري ٿيو آهي، جو ٻئي شاعر، مختلف خطن جا آهن، جن پنهنجي تر جي محاوري پٽاندر جدا جدا لفظ استعمال ڪيا آهن.

3- لفظن جا ساڳيا حرف، مختلف صورت سان.

الف- شهباز باز ٿيو، پنکيي لـ ماري،
آڪي ڪـوڙي عرس ۾، لڏي منـاري.
'شهباز' بدران 'سهباز' ۽ 'عرش' بدران 'عرس' ڪم آيل آهي.

صوفين جو ڳڙهه بہ رهيو آهي. اِلڪري قاضي قادن جي سنڌي ٻوليءَ تي اهو اثر سياويڪ آهي".

شري هيري ٺڪر، قاضي قادن جي ڪلام کي پرکڻ لاءِ، ڪيتريون ڪسوٽيون قائم ڪيون آهن، پر تڏهن بہ اهڙيون ٻيون ڪسوٽيون بہ آهن، جن تي ڪنهن بہ شاعر جي ڪلام کي پرکي، جدا ڪري سگهجي ٿو:

ا- قافيا

قاضي قادن جا جيڪي ستَ بيتَ مليا آهن، تن مان ڪوبہ اهڙو بيت نہ آهي، جنهن جي قافيہ ۾ ڏَڏُ پيل هجي. جيئن:

1- جوڳيءَ جاڳايوس، ستو هوس ننڊَ ۾،
تنهان ٿيو ٿيوس، ٻريان سنڌي ٻيڙيءَ.

2- سَڄڻ سَنجهہ هُئام، سون وڃي واءُ ٿيا،
هيڏان هوڏان هٿڙا، هيڻن جاڙَ وِڌام.

"قاضي قادن جو ڪلام" مان ڪن بيتن جا قافيا:

1- سَيَن پالِئِي سونُ، ڪي جرَ ٻوسُ جرڪئون،
وڃَن وَرائي وِنُ، ڪَہُ لڳي ڪارو ٿيو.

قافيا آهن: 'سونُ' ۽ 'ونُ'".

درحقيقت 'سون' سان قافيو 'هون'، 'اون' وغيره ٿي سگهن ٿا. 'سون' سان 'ون' جو قافيو نٿو ٿئي. جيڪڏهن "قاضي قادن جو ڪلام" ۾، قلمي نسخي واري پڙهڻي- ديوناگري لپيءَ واري- بہ آندل هجي ها تہ صحيح تلفظ لاءِ، ويچار ڪري سگهجي ها. اَسين سمجهان ٿو تہ اهو لفظ 'سون' نہ، پر 'سُوَن' آهي. جيتوڻيڪ معنيٰ ٻنهي جي ساڳي آهي، پر قافيہ ڪان 'سُوَن'، 'سونَ' ڪان اصح ٿيندو.

'سونُ'، پراڪرت 'سُوَڻ'. سنسڪرت 'سُوَرڻُ'=سُ=چڱو+وَرڻُ=رنگ. سهڻي رنگ وارو.

اڳين سگهڙ شاعرن بہ گهڻو ڪري 'سُوَن' ڪم آندو آهي. هڪ بيت پيش ڪجي ٿو:

سُوَن سَرسا سهڻي، سَتَ پاتر نيڻي نار،
سِهہَ ڳچي، ڪَٽ ڪيسري، اَرڳ اَليهرَ وار.

[سُوَن=سونُ (Gold). سرسا=سرس، وڌيڪ. سَتَ=ڀَتَ. پاتر=پَتر. ست پاتر=پٽر جو ڀُتُ: سو ٿيو "سرمون". نيڻي=نيڻ=اکيون. نار=عورت. سِهہ=ڪُونج. ڪَٽ=ڪَمر، چيلهہ. ڪيسر=شينهن. ارگ=نانگ. اليهر=نانگ].

شاعر چوي ٿو تہ، ”اها عورت، سونَ ڪان بہ سولهن ۾ سرس هئي. ڪيس اکين ۾ سرمون پيل هو. سندس ڳچي، ڪونج جيان ڊگهي ۽ ڪمر، شينهن جيان لڪدار هئي، ۽ وار، لانگ جيان ڪارا، ڊگها ۽ خوفناڪ.“

ٻئي بيت جي ٻيءَ مصرع ۾، ”وَن“ لفظ آهي، جو پڻ ’رنگ‘ جي معنيٰ ۾ آهي. وَن. سنسڪرت ’وَرڻ‘=رنگ.

2. توڙي هوءَ نہ وِسهُون، ستين سهسين ماڙوهين،
اکين ڪيين متاع، جتي هوئين سان پرين.

اڄ سمجهان ٿو تہ بيت جا قافيا آهن: وِسهون ۽ متاع. اهي قافيا ڏڏ وارا آهن. ’وِسهون‘ بدران ’وِسا‘ يا ’ويسا‘ يا ’وِساه‘ هوندو، تڏهن تہ ’متاع‘ سان ميل کائيندو.

وسا، ويسا يا ويساه=ويساهہ، اعتبار.

3. جئن قـقـڙ ماهہ ۾، اٿن روزا عيد نماز،
اجـا آهـي ڪـا ٻـي، الـلـه دي حاج.

قافيا آهن: نماز ۽ حاج.

قلمي نسخي ۾ ’نماز‘ بدران ’نماج‘ هوندو، تڏهن تہ ’حاج‘ سان قافيو ملندو.

قاضي قادن جهڙو عالم، اهڙا قافيا ڪم آڻيندو؟ تنهنڪري گمان غالب آهي تہ اهي بيت قاضي قادن جا نہ آهن.

2. ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ، ٻن محاورن ۾.

توڙي هوءَ نہ وِسهُون، ستين سهسين ماڙوهين،
اکيون ڪيين متاع، جتي هوئن سان پرين.

ڪيين=ڪائين.

سيڇاڻو آئي سينهن، ڏوو ڏن وسن جهنگ ۾،
سو ڪتڙو ڪاون ڪيئن، ساس جنهين ڪو ليکيو.

ڪاون=ڪائن.

ساڳيو شاعر، هڪڙي هنڌ ’ڪيين‘ ۽ ٻئي هنڌ ’ڪاون‘ ڪم آڻي، سو بعيد از قياس آهي. اهو الهيءَ ڪري ٿيو آهي، جو ٻئي شاعر، مختلف خطن جا آهن، جن پنهنجي ترَ جي محاوري پٽاندر جدا جدا لفظ استعمال ڪيا آهن.

3. لفظن جا ساڳيا حرف، مختلف صورت سان.

الف. سهباز باز ٿيو، پنکيي لہ ماري،
آڪي ڪوڙي عرس ۾، اڏي مناري.

’شهباز‘ بدران ’سهباز‘ ۽ ’عرش‘ بدران ’عرس‘ ڪم آيل آهي.

”ولها“ – ”هہ“ ڪڍي ڇڏڻ بعد – ”ولا“ (1) ٿيو، جنهن جي معنيٰ آهي:

اوڏا، ويجها نزديڪ.

[بيت 64]

عِلَّتَ وَڃِيئِيسِ لا، عادت ڪَڍهن نہ جاءِ،
آٽُ ڪَٽڪَتہ ڇَڏِيَئِي، چُڻِ جواسا ڪاءِ.

ٺڪر صاحب لکي ٿو:

عادت ڪڏهن بہ وڃڻ جي نہ آهي. آٽ جي علت ويندي ٿي ڪانہ. آٽ ڪٽڪ ڪبي ڇڏي، ڳولي ڳولي جواسا (هڪ سادو اناج) ٿي پيو کائيندو.

جواسا = هڪ سادو اناج.

اُتي سمجهان ٿو تہ ٺڪر صاحب، جَواسا کي جَوَ (Barely) جهڙو (سادو اناج) سمجهي، معنيٰ ڪئي آهي.

”جواس“ يا ”جواسا“ ڳالهہ ساڳي آهي، ۽ ڊاڪٽر فالن لکي ٿو:

هندي – ”جَوالسا“. سنسڪرت ”يَواس“. هڪ سَرهي ڪنڊائين ٻُوٽي جو قسم، جو اُٺن کي (چاري طور) ڏاو وڃي ٿو(2). اهو ٻوٽو، گرم موسم ۾ آپري ٿو، ۽ مينهن جي مند ۾ سڙي وڃي ٿو.(3) ان ٻُوٽي کي ڳاڙها گلڙا بہ ٿيندا آهن(4).

بهرحال هي واضح ٿيو تہ ”جواسا“، هڪ ڪنڊائين ٻوٽي جو قسم آهي، ۽ نہ سادي اناج جا.

[بيت 89]

سُتو هُتو جاڳُ، راتڙِي سَڀَئِي وِهاڻيان،
سُتَئِين ٿيو ء ڀاڳُ، ٻِرِ بن وِسارڻ ۾ ڪَر.

ٺڪر صاحب لکي ٿو:

سهيو پيو آهي تہ جاڳ، رات سڄي پوري ٿي ويئي آهي. (جاڳڻ سان ٿي) تنهنجو ڀاڳ سٺي ٿيڻ وارو آهي. تون ايشور کي وسارڻ جي نہ ڪر.

---

(1) اردو ڪلاسيڪل هندي ڊڪشنري. صفحو 1199. جان ٽي. پليٽس – آڪسفورڊ ڇاپو ڇپون سال 1960ع.

(2) هندستاني انگلش ڊڪشنري. صفحو 486 ڊاڪٽر فالن. بنارس. سال 1879ع.

(3) گجراتي انگلش ڊڪشنري. صفحو 490 بيلسار احمدآباد. سال 1904ع.

(4) ڀاشا – سبدا – سنڌو. جلد پيو صفحو 439. پنڊت هرگوونداس ڪاڪنو 1924ع.

مولف "هـٽو" جي معنيٰ نہ ڏني آهي.

بنده جي خيال ۾ "هيٽو" ٺيڪ ڪري. اسان وٽ "هہ" ۽ "ا" (الف) ٻہ، ڪن حالتن ۾، پاڻ ۾ مٽبا آهن.

مٽيل لفظ	اصل لفظ	معنيٰ
هٿبار	آلبار	ڍڳ

"هيٽو"، اصل "اِٽو" آهي، جو هنديءَ ۾ "اِتا" ۽ سنسڪرت ۾ "اِتتِ" آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: هاڻي هيتري.

معنيٰ ٿيندي: تون گهڻو سمهيو آهين. هيتري آٿ: ڇاڪاڻ تہ رات گذرڻ تي آهي.

[بيت 105]

ڪُوسي ڪُوپَلَ نِپجيءَ، ٿاري ٻَن داهي،

عَقل غيب الله دا، اَلله اِيَ آهي.

ٽڪر صاحب لکي ٿو:

پَنَ ۾ ڇا مان ڇا ٿيو وڃي. ٿاري سڄي جهنگل کي جلايو ڇڏي. خدا جو عقل (Rationale) هڪ اسرار آهي (جنهن کي ڪو سمجهي نہ ٿو سگهي). الله اهڙن ئي آهي.

ڪُو=ڇا. نپجيءَ=آسري، پيدا ٿئي. بن=جهنگل، ٻيلا. داهي=جلائي، آگ لڳائي. غيب=پُراسرار، راز ڀريو.

بيت هيئن ٺهڻ کپي:

ڪوسي ڪوپَل ليپجي، ٿاري ٻَنڊا هي،

عقل غيب الله دا، الله اِي آهي.

"ڪوسي"، هندي "ڪوسا". پراڪرت، "ڪوسٽو". سنسڪرت، "ڪوشڪ".

ڪوسي=ڪوسين=ڦريُون (ڇٽن، مٽرن وغيره جون). ڪوسا=ڦري.

ڪوپل، هندي "ڪونپل". سنسڪرت، ڪُنمَل=گونچ، آڪُور.

ٿاري=ٿالي. هندي "ٿالَ". سنسڪرت آٿال=آن" جو ڍير.

بنداهي=بنجي ٿو، ٿهي ٿو. معنيٰ ٿيندي:

گولچن مان ڦريُون پيدا ٿين ٿيون ۽ وري (جڏهن ڦريُون پچن ٿيون، تڏهن انهن مان) آن" جو ڍير ٿئي ٿو.

[بيت 110]

سيچاڻان آتي سينهن، ڏووٽين وسن جهنگ ۾،

سو ڪَٽُو ڪاوَن ڪيٽن، ماسُ ڇينهين کو ليکيو.

ٽڪر صاحب لکي ٿو:

باز (ترمتي، هڪ شڪاري پکي) ۽ شينهن، ٻنهي جهنگ ۾ رهن ٿا. جن جي قسمت ۾ ماس لکيل آهي، (سي ماس ئي کي کائيندا) آهي ڪنڙ ڪيئن کائيندا.

سيچاڻو=هڪڙو شڪاري پکي، مادي ترمچي، باز. ڪنڙ=ڄانيي، سرهڻ وغيره سان ڦيل ڪيڻ بعد بچيل ڦوڳ، جو جانور کائيندا آهن.

ٺڪر صاحب جي، فقط هڪ لفظ–"ڪنڙ"–تي اعتراض آهي.

اهو بلاشبہ تسليم شده آهي تہ سيچاڻي ۽ شينهن جو کاڌو ئي ماس (گوشت) آهي. شينهن لاءِ عام چوڻي آهي:

مَرسان مَرسان ٻَپ نہ چَرسان.

مقامي محاوري کي وڏي طاقت آهي، جنهنڪري شاعر ۽ ليکڪ، ڪڏهن بہ اُن جي اُهڃاڻ نہ ويندا. جيڪڏهن ويندا، تہ اهو مقامي محاوري سان هٽ ڌرم آهي، جا ٻوليءَ جي فصاحت، توڙي زيب و زينت کي بگاڙيو ڇڏي.

"ڪنڙ" تہ برابر ڪن جانورن جو پسنديده کاڄ آهي، پر شينهن کي ساڳي (مال واري) "ڪنڙ" کارائڻ، مقامي محاوري جي بلڪل برعڪس آهي. آءٌ سمجهان ٿو تہ شاعر، ايڏو بي خبر ۽ ڪمزور خيال نہ آهي، جو گوشت خور جانور (شينهن) کي "ڪنڙ" کارائي!

1. مَرگ رِپ ڪا لنڪ هَي، آمبا رِپ ڪا وين.

مرگ=ميرگهہ، هرڻ. رپ=دشمن. مرگ رپ=هرڻ جو دشمن، سو ٿيو "شينهن". لنڪ=ڪمر، چيلهہ. آمبا=آنب. رپ=دشمن. آمبا رپ=الب جو دشمن، سو ٿيو "ڪوئل پکي". وين=آواز.

شاعر چوي ٿو تہ "محبوب جي ڪمر، شينهن جهڙي (لڪدار)، ۽ آواز، ڪوئل جهڙو آهي". شينهن، گوشت خور جانور آهي، تڏهن تہ ڪيس، شاعر، 'هرڻ جو دشمن' سڏيو آهي!

2. سيچاڻو آهي سالبرو، پيڻ نہ چکي ٻو.

سالبرو=شينهن. پيڻ=گاهہ. بو=ٻوءِ.

شڪارپور جي مها ڪوي سامي، 'سالبرو' بدران 'ساردول' ڪم آندو آهي، جو دراصل سنسڪرت لفظ 'شار دُول' آهي.

سيچاڻو ۽ شينهن، گاهہ جي ٻوءِ بہ نٿا چکن (ڇاڪاڻ تہ گوشت خور آهن).

هيت بہ شاعر، مقامي محاوري موجب، ساڳيو "ڏَڀ" (گاهہ) وارو خيال آندو آهي. تنهنڪري "ڪنڙ" معنيٰ گاهہ ٿيندي(1). هيمچدر بہ ائين ئي لکي ٿو(2).

آخوند پيارو، گاهن جا قسم ٻڌائي ٿو:

ڪِهَنَ، ڪَنڙُ، سانڊاٺو، سڪٺيِ، اِڪَنڙ آڪچار
پَتَڪَر، پُرت، ٻَڪَڙو، پنگڙو بي شمار. (هلنڊڙ)

---

(1) هندي شبد ساگر: جلد پيو: صفحو 685، ڪاشي ناگري پرچارڻي سڀا.
(2) ديسي نام مالا: صفحو 28؛ بامبي سنسڪرت سيريز نمبر 17، سال 1938ع.

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو (قسط ٢)

قاضي قادن

”تماهي مهراڻ“ جي گذريل پرچي ۾، ”قاضي قادن جو ڪلام“، تي پنهنجا ويچار عرض رکيل آهن. هيٺئين جو ڪجهه وڌيڪ نظر آيو آهي، سو پيش ڪجي ٿو.

[بيت 19]

ڪي ويجهائيءَ ڏور، ڪي ڏورئي وَلها،
هوئي ڇَرَ سالُور، لڌِي نه ڪَنو لاهيِ ڪَرَ.

شري اڏوڪر معنيٰ لکي ٿو:

ڪي نزديڪ هوندي به دور ٿين ٿا، ڪي دور هوندي به پيارا ٿا لڳن. ڏيڏر پاڻيءَ (تلاءَ) ۾ رهندي به ڪنول جي سڌ نه لڌي آهي.

ولها = پيارا (ولڀ).

اڏوڪر صاحب ”ولها“ جي معنيٰ ”پيارا“ ڪئي آهي، ۽ ڏنگين ۾ ”ولها“ جو سنسڪرت لفظ ”وَلڀ“ به لکيو اٿس.

مطلب اهو نڪتو ته: ولها = پيارا. ولهو = پيارو.

شاهه ڀٽائي به ”ولها“ ڪم آندو آهي:

1. وَتِ سوريندي وَلَها! ويو تهل ٻَرِي،
موٽ مسافر سپرين! چالڪي تي چڙهي،
راڻي لاءِ رڙي، ويٺي وِهامِي راتڙي.
(مومل - راڻو)

2. ڪِينءَ ترانَ، ڪِينءَ تار مون، ڪِينءَ سگهان،
ڪِينءَ سَگهه،
اڏو ڏيج مَ لَنگهُ، مون هيڪليءَ، وَلَها!
(سهڻي)

3. تان ڪا وائي وار، دلاسي جي داسڙا!
تون منهنجو وَلَهو، آءٌ تو ۾ طمعدار،
ڏِکي ڏولَ گذار، لَڄَ منهنجي لوڪ ۾.
(ليلا - چنيسر)

4. مون تي وَهَرَ وَرِي، وارو ڏيندم وَلَهو،
توکي ساري سپرين! آءٌ پُنديس ماڳ مري.
(ليلا - چنيسر)

5. نہ وارث، نہ وَلَهو، نہ سَنگ، نہ سياڪو،
تو پُڄاڻا سپرين، آءٌ اولاڪو،
پانڌيا! پاراپو، ڏجانءِ ڏاتِي ڏول کي.
(مومل - راڻو)

پهرين ٻن بيتن ۾، "وَلَها" جي پويان عجب جي نشاني (!) آهي، ۽ انهن بيتن ۾، محبوب کي پس غائباڻي، مخاطب ٿي، چيل آهي يعني: آيِ وَلها (اي محبوبَ).

پوين ٽن بيتن ۾ "ولهو" جي پويان عجب جي نشاني ڏنل نہ آهي. اهو الهيءَ ڪري، جو "ولهو" کي، مخاطب ٿي نہ ٿو چئجي. يعني "اي ولهو"، چوڻ مطلق غلط ٿيندو. تنهنڪري 'ولهو' جي معنيٰ ٿيندي: پيارو، پيار، محبوب.

مٿين مختصر بحث مان معلوم ٿيو تہ:

ولها= پيارا، محبوبَ، پيارَ.
ولهو= پيارو، محبوبُ، پيارُ.

شري نڪر بہ "ولها" جي معنيٰ "پيارا" (ولپ) ڪئي آهي: ڇاڪاڻ تہ شاه ڀٽائي، توڙي ڪانئس پوءِ جيڪي بہ شاعر ٿي گذريا آهن، تن "ولها" کي محبوب جي معنيٰ ۾ ئي استعمال ڪيو آهي.

هينئر سوال ٿو ته قاضي قادن جي بيت وارو "ولها" بہ، ساڳيو ئي شاه ڀٽائي جي بيتن وارو - ولها - آهي يا نہ؟ جيڪڏهن ٿورو وڌيڪ ويچار ڪبو تہ پنهي، قاضي قادن ۽ شاه ڀٽائي جي "ولها" ۾ نمايان فرق نظر ايندو: ڇاڪاڻ تہ شاه ڀٽائيءَ، جيڪو "ولها" ڪم آندو آهي، تنهن جي 'حالت - گرامر موجب - نِدا' ٿيندي: پر قاضي قادن جي بيت ۾ آيل "ولها" جي 'حالت ندا' نہ ٿيندي.

ڪي ويڇائيِ ڏور، ڪي ڏُورئي وَلها.

اتي "ولها" جي معنيٰ، 'اي ولها'، نہ نڪرندي، ڇاڪاڻ تہ ڪنهن کي بہ مخاطب ٿي، چيل نہ آهي.

اٺين ٻرابر آهي ته ”ولها“ جي معنيٰ، ’پيارا‘ وغيره آهي؛ ڇاڪاڻ ته ڪنهن به سنڌي يا هندي لغت ”ولها“ جي، ٻي ڪا معنيٰ نه لکي آهي. پر جيئن ته هيٺ اها معنيٰ -- پيارا -- شاعر جي خيال سان لٺي نٿي ٺهڪي، تنهنڪري غلط سمجهڻ کپي.

1. ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏور ٻه ولها.

--(قاضي قادن)

2. ڪي اوڏو اک ڪي، ڪي لطران ڏور.

--(خواجه محمد زمان)

3. ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏور ٻه اوڏا سپرين.

--(شاهه)

هونئن ٻن ۾، ’اوڏو‘ ۽ ’ڏور‘، ٻه متضاد لفظ ڪم آندل آهن. اُها سمجهاڻ ٿو پهرين (قاضي قادن واري) ۾ به ’ڏور‘ ۽ ’ولها‘، ٻه متضاد لفظ آهن.

اسان وٽ ڪي اهڙا به، سنڌي لفظ آهن، جن ۾ اصل لفظ کان، هڪ حرف (اکر) وڌيڪ ڪم اچي ٿو.

معنيٰ	سنڌي لفظ	اصل لفظ
قيمت، ٻها	مُلهُه	مُل
پهلوان، ٻهادر	مَلهُه	مَل
ماڪ	وِلهه	وِلّ
مرض جو قسم T.b	سِلهه	سِلّ

ظاهر ٿيو ته سنڌي لفظ ۾، اصل کان، هڪ حرف ”هه“ اچاڙيءَ ۾، وڌيڪ آيل آهي، تڏهن سنڌي لفظ جو صحيح تلفظ ٿيو.

معنيٰ	سنڌي لفظ	اصل لفظ
ڪنڍي (گلن جي)	مالها	مالا
راڳڻيءَ جو نالو	مَلهار	مَلار
باغبان	مالهي	مالي

مٿين سنڌي لفظن ۾، اصل لفظ کان، هڪ حرف ”هه“ وڌيڪ آيل آهي. جيڪڏهن ”هه“ کي ڪڍي ڇڏجي ته باقي اصل لفظ وڃي بچندو.

انهيءَ اصول مطابق، هيري صاحب جي ڏنل لفظ ”ولها“ کي ڪسوٽيءَ تي آڻي، معنيٰ ڪڍجي ٿي:

ب- حقيقي سون سيڻ، وسن سهر حقيق ۾،
ڳالهه ڇون حقيقيان، ڇون حقيقي ويڻ.

’شهر‘ بدران ’سهر‘ ڪم آيل آهي.

ج- روز محشر ڏينهڙي، ستر سچ تپن،
سيوئي جَرَ پاڻيان، جي سون پرين ملن.

’محشر‘ ۾ ’ش‘ صحيح آندل آهي.

د- جن محبت من ۾، تي متيلي ئي سوين،
تن ۾ ٻليئي مشعلان، سي سدا سپرين.

’مشعلان‘ ۾ ’ش‘ صحيح آندل آهي.

جيڪڏهن شاعر ماڳيو هجي ها ته اهڙن لفظن ۾، يا ته ’س‘ قائم رکي ها، يا ’ش‘ قائم رکي ها. هيٺ ڪن بيتن ۾ ’ش‘ بدران ’س‘ ڪم آيل آهي ته ڪن بيتن ۾ صحيح ’ش‘ ڪم آندل آهي، جنهن مان ڪُليو اشارو ملي ٿو ته شاعر مختلف خطن جا آهن. قاضي قادن هڪ جيّد عالم، سو ڪيئن ’شهباز‘ ڪي ’سهباز‘، ’عرش‘ ڪي ’عرس‘ يا ’شهر‘ ڪي ’سهر‘ لکندو!

هينئر شري هيري ٺڪر جي، ڪن لفظن جي معنائن تي، ويچار ڪجي ٿو:

1- نه سو لاهُو، نه سيرو، نه آر وار نه پار،
سُوڙهو وتين، تن ڪي، سو من منجهه لهار.

ٺڪر صاحب لکي ٿو:

آر=ڇاتي. وار= هيءَ پَر. پار= هُوءَ پَر.

هن طرح معنيٰ لکي ٿو:

(برهم جو) نه آهي لهوارو (پڇاڙي)، نه ان کي سرو (منڍ) آهي ۽ نه ڇاتي آهي. نه ان کي هيءَ پَر يا هُوءَ پَر آهي. (تون) سُنجهي ڪري، ان کي ڳوليندو ٿو قرين. هن کي من ۾ ڇهاتي پائي ڏس.

مٿئين بيت جا فقط ٻه لفظ- آر ۽ وار- غور طلب آهن.

سنڌ جي سدا ملوڪ سگهڙ شاعرن، پنهنجي ڪلام ۾، ’آر‘ ڇاتيءَ جي معنيٰ ۾ برابر ڪم آندو آهي:

اليهر اڏليا آر تي، ٻلر ٿيو پيننَ.

[اليهر= لالڪ. هت معنيٰ: ڪارا. ڏکيا ۽ خوفناڪ وار. آڏليا= ليڙيا، ڪيريا.
آر=ڇاتي، آره. ٻلر= هجوم. پينن= لالڪن. پين= لالڪ].

شاعر، عورت کي ڦٽي ڏيندي ڏسي ٿو. جڏهن سمورا وار، اکيان چوڙ ڪ چوڙي ۽ سنوارجي بيٺا، تڏهن ٿو شاعر چوي!

عوت جي ڇاتيءَ تي ڪارا، ڊگها ۽ خوفناڪ وار ڪيري پيا ۽ ائين پيو نظر اچي، جو ڄڻ ڪارن نانگن جو هجوم لٽڪيي رهيو آهي.

الهيءَ 'آر' لفظ مان، سنڌيءَ ۾ 'آرَهُ' ٺهيو، جو اصل ۾ سنسڪرت 'آرَس' (ڇاتي) آهي؛ پر هت "آر" ڇاتيءَ جي معنيٰ ۾ نہ آيو آهي. "ار + وار" ڪي هڪڙي لفظ 'اروار' سمجهڻ کپي.

سنڌ جو مشهور سنت سامي چوي ٿو:

الف- ساري چڙهيو سيرَ تي، **آروار پار** پسيئي.

ب- جنهن جو سنهن محبوب ڏي، سي **اروار** نہ **پار**.

شاعرن جو سرتاج شاهہ ڀٽائي چوي ٿو:

الف- "**اورارا** آهون ڪريان، پهچان شال **پَرار**".

(سر سهڻي)

"اورارا"=اورينءَ پَرِ ڪان. پرار=پرينءَ پر (درياهہ جي).

"اروار"، "اورار" يا "اوروار" ٽيئي لفظ ساڳي معنيٰ- هيءَ پَرِ- رکن ٿا.

"اروار" سنسڪرت "آوار" آهي، جنهن جو ضد "پار" آهي. (1)

آوارپار=آوار= هيءَ پر+ پار= هوءَ پَرِ (2). سنڌي لفظ 'آرپار' بہ اتان ٺي لڪتو آهي.

2- روز محشر ڏينهڙي، سِتَر سج تپن،

سيوئي جَرَ پاڻيان، جي مون پرين مڙن.

ٺڪر صاحب لکي ٿو:

جَرُ= جَلُ، پاڻي.

"قيامت جي ڏينهن سِتَر سج تپن ٿا (حد درجي جي تابش ٿئي ٿي)، پر آن ڏينهن جيڪڏهن سنهنجو پرين مون کي ملي وڃي تہ مان جيڪر ائين محسوس ڪريان تہ ڄڻ چوڌاري پاڻي هئڻ جهڙي ٺنڊڪ لڳي پئي آهي."

اها معنيٰ، شاعر جي حقيقي خيال جي ترجماني نٿي ڪري؛ ڇاڪاڻ تہ بيت ۾، 'سج' جو 'جَرَ' سان (ٺنڊڪ جي معنيٰ ۾) ڪو واسطو نظر نٿو اچي. اسين سمجهان ٿو تہ قلمي نسخي ۾ "جهَرُ" آهي، جنهن کي "جَرَ" سمجهيو ويو آهي.

---

(1) سنڪشپت هندي شبد ساگر- صفحو 93- ڪاشي ناگري پرچارڻي سڀا.

(2) پدم چندر ڪوش- صفحو 74- پنڊت گنيش دت شاستري.

معنيٰ هيئن ٿيندي:

قيامت جي ڏينهن، جڏهن سخت گرمي ٿيندي، تڏهن جيڪڏهن منهنجو محبوب مون سان ملندو ته منهنجي لاءِ (اها سج جي گرمي به) جهُڙُ ٿي ويندو.

3- تـوڙي وڃـن رُومَ، نسانيهه لصيبان اڳـرا،
مـالـي وَتَـٺين تـوم، جي لـيکيا ڇـپـَن ۾.

ڊاڪٽر صاحب 'وٺين' جي معنيٰ لکي ٿو: پٽکي، ڦيري:

آءٌ سمجهان ٿو ته 'وٺين' بدران 'وٺي' آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: آڻي (مٽي، مٽان). سنڌيءَ ۾ عام چوڻي آهي:

توڙي وڃي رُوم، ته به ڏودي آڻي ٿوم.

بهرحال 112 بيتن جو دور مقرر ڪرڻ سولو ڪم نه آهي؛ ڇاڪاڻ ته بيتن ۾ شاعرن سڳورن جا ناالا ڏنل نه آهن. البت ڪن آهڃاڻن مان ڏاڻي واٽي ڇڏي سگهبو ته ڪهڙي دور سان تعلق رکن ٿا. 'قاضي قادن جو ڪلام' ۾ هڪ بيت آيل آهي، جنهن ۾ "ساگرو" واهه جو ذڪر ڪيل آهي:

"جي مهراڻ سَيا ڪري ته ساگرو جهلي نه سَتَ."

اهو ساڳيو 'ساگرو'، "شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام" ۾ پڻ آندل آهي. ڏنهنڪري اسان کي گهرجي ته "ساگرو" واهه جو پتو لهون ته ڪهڙي دور جو آهي.

هڪ سگهڙ کان سنڌ جي واهن تي، هُنَرَ جو بيت مليو آهي، جنهن ۾ 'ساگرو' واهه به آندل آهي:

مارڪ مـون ڏٺـي، شاهو، بيـجـر ڪـي،
خيرو، محمد علي ڪندو، چام واهن تي،
اَوَت ڪـرين ٿـو سـومـرا، ڪلياڻ آڻي،
اي "امام بخش" آڻي، ساگرو ٿئي نه سومرا.

تنوير عباسي

قاضي قادن جو ڪلام

مؤلف: هيرو ٺڪر.

ٻوجا پبليڪيشنس، C-8/16313، لارينس روڊ، دهلي 110035.

قيمت: رواجي 12/00 پڪو جلد: 15/00

مهاڳ: جيٺرام داس دولترام دعائون: رام پنجواڻي

صفحا: مقدمو: 83 متن 60 ۽ 143

قاضي قادن جا وڏيڪ بيت هٿ اچڻ سنڌي ٻوليءَ جي ادبي تاريخ ۽ تحقيق لاءِ نوان باب کوليا آهن. اهو اسان جي ادب لاءِ هڪ ليڪوال آهي، ۽ اسان جي ادبي روايتن جي قدامت جو وڏو ثبوت پڻ.

شري هيري ٺڪر، هڪ مٿ (مڙهيءَ) مان هن ڪلام کي هٿ ڪري ان جون پڙهيون قائم ڪري ان کي ڇپايو آهي، جنهن لاءِ کيس ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جهڙا محقق ۽ عالم به مبارڪون ڏئي چڪا آهن.

قاضي قادن جو ڪلام، ڀارت جي هرياڻا صوبي ۾ رائيلا لالي ڳوٺ مان هٿ آيو آهي، جتي هڪ پستڪ ۾ ڪبير، سورداس، دادو ديال، شاهه حسين ۽ ٻين جي ڪلام سان گڏ ارڙهين صديءَ ۾ لکيو ويو هو.

هن واقعي مان ظاهر ٿئي ٿو، ته سنڌيءَ جو وڏو ادبي ذخيرو ديوناگري لپيءَ ۾ موجود آهي. ڪجهه سال اڳ سراج پڻ برٽش ميوزم لائبريريءَ مان، ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل سنڌي بيت (جيڪي شاهه لطيف کان به اڳ جا هئا) ڳولي ڪڍيا ۽ انهن جي باري ۾ ”نئين زلدگي“ ۾ هڪ مضمون لکيو.

ان حقيقت کي آڏو رکي اهو لازمي ٿيو پوي، ته سنڌي قديم ادب تي کوجنا ڪرڻ لاءِ اسان جي عالمن ۽ محققن کي ديوناگري لپي سکڻ کپي ۽ ان ۾ لکيل پراڻن ڪتابن کي پڙهڻ گهرجي.

ٻي ڳالهه، جيڪا هن واقعي مان واضح ٿي ٿئي، ته هندن جي پوتر جاين تي، مسلمان شاعرن جو ڪلام، هندن جي مذهبي توڙي ادبي شخصيتن سان گڏوگڏ رکيو ويو آهي.

اها ان دور جي بي تعصب سماج جي خوبي آهي. جتي سورداس، ميران ٻائي، ۽ گرو نانڪ آهن تہ اتي شيخ فريد، شاهہ حسين ۽ قاضي قادن پڻ آهن.

قاضي قادن جي ڪلام کي هرياڻا توڙي برهانپور تائين مشهوري ملي. ان زماني ۾ سنڌ جو علم فضل ڪيڏو نہ ڦهليو، اها ڳالهہ بہ خوشيءَ جهڙي آهي.

قاضي قادن تي هيري ٺڪر جي ڪتاب ڇپجڻ سان ئي ادبي ماحول ۾ چرپر اچي وئي. سنڌ جي مشهور محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کيس مبارڪون ڏنيون. هو صاحب تفصيلي تبصرو ڪجهہ وقت کان پوءِ لکندو. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي "قاضي قادن" ۽ "قاضي قاضن" نالي جي صحت تي بحث ڪيو آهي، ۽ پڪت گرڌاري لعل لکيو آهي تہ اهو ڪلام، جيڪو هيري ٺڪر ڇپايو آهي، سو ماڳهين ميان مير جو آهي، نہ قاضي قادن جو.

انهن سڀني مسئلن جي تحقيق ۽ ڇنڊ ڇاڻ لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تفصيلي محققانہ تبصري جو انتظار رهندو. جنهن جي باري ۾ هن صاحب "هلال پاڪستان" واري ڇپيل خط ۾ اظهار ڪيو آهي. بهرحال انهن مسئلن تي ٿوري ڇنڊ ڇاڻ ڪجي تہ بهتر آهي.

قاضي قاضن يا قاضي قادن

اول اول، سڀني تاريخن ۾ 'قاضي قاذن' يا 'قاضن' لکيل آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ ۾ 'قاضي قادن' لکيو آهي، جيڪو ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جي لکڻ موجب بنا دليل ۽ بنا سند جي آهي. ڊاڪٽر عبدالمجيد مختلف قديم ڪتابن جي حوالن سان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ اصل نالو "قاضن' آهي. هيري ٺڪر جي باري ۾ هن صاحب لکيو آهي تہ، هن 'قاضي قادن' ڊاڪٽر بلوچ جي تقليد ۾ استعمال ڪيو آهي. حالانڪ هيري ٺڪر صاف لکيو آهي تہ اصل هٿ آيل قلمي نسخي ۾ "ڪاجي ڪادن" لکيل آهي. اهو قلمي نسخو، جيڪو راڌيلا جي مٺ ۾ موجود آهي، اهو قديم آهي؛ ان ڪري ان جي لکجڻ جو وقت بہ قاضي قادن کي سڀ کان ويجهو آهي، ان ڪري ان جي روايت کي ئي تسليم ڪرڻ گهرجي.

ميان مير جو مسئلو:

پڪت گرڌاري لعل انهن شعرن کي قاضي قادن جا تسليم نٿو ڪري، ۽ لکي ٿو تہ اهي سنڌس ڀاڻيجي ميان مير سنڌيءَ جا آهن، جيڪي اڄا تائين پڪت ميان مير جي نالي ڳائيندا تا رهن. هو صاحب لکي ٿو تہ پاڻ پڪت هريداس جو چيلو آهي، هن صاحب اهو بہ لکيو آهي تہ ميان مير سنڌي، قاضي قادن کان ماڪي مسئلن جي اختلاف تان ڪاوڙجي، پنجاب هليو ويو هو.

ٻئين ڳالهه، ته داراشڪوهه جو مرشد، ميان مير سنڌي، قاضي قادن جو پاڙيچو ۽ سنڌس ڏوهٽو هو ۽ هو قاضي قادن جي وفات وقت هڪ سال جو هو. ان ڪري هن جو قاضي قادن سان ملڪي مسئلن تي ڳالهائڻ، ڪاوڙجي پنجاب لڏي وڃڻ ممڪن ئي ناهي. ٻيو ته جيڪا اسان کي ملي ٿي، قاضي قادن جي ڪلام کان پوءِ جو دؤر آهي ۽ ان وقت جي سنڌي ٻولي، آيل بيتن جي زبان مان ئي لڳي ٿو ته اها زبان قديم آهي. ان ڪري، بنا ڪنهن سند جي، ۽ تاريخي حوالي جي، انهن بيتن کي ميان مير سنڌيءَ جي نالي منسوب ڪرڻ زيادتي آهي.

قاضي قادن جو سياسي ڪردار:

قاضي قادن جي شخصيت سنڌ جي تاريخ ۾ تڪراري رهي آهي. هو سمن ۽ ارغونن جي دورن ۾ رهيو؛ سيد مهدي جونپوريءَ جو مريد ٿيو؛ شاهه بيگ جي لشڪر جي قرلٽ ۾ سنڌس ڀار ڀچا قيد ٿيا ۽ هو چرين والگر ڪين ڳوليندو وتيو --- ليڪ ڪوشش ڪري اهي قرلٽ بند ڪرايائين؛ سيد حيدر سنائي تي سنڌس مرشد قتل جي فتوي ڏني، ۽ پاڻ سنڌس خاص صلاحڪارن مان هو.

قاضي قادن جي شاعري، ۽ سنڌس سياسي ڪردار به متضاد شيون آهن؛ پر اهڙا مثال ٻيا به آهن جو ڪي بلندپايي جا شاعر سياسي طور تي بلڪل ئي اُبتو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. غالب جو مثال آهي، اقبال اوڊاير جا قصيدا لکيا، ۽ خود اسان جي دؤر ۾ به مثال ملي سگهن ٿا.

قاضي قادن جي شاعري:

قاضي قادن جي شاعريءَ جي اڀياس ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته هو لنڊي ڪنڊ جي شاعرائين روايتن کان پوريءَ طرح واقف هو، ۽ ان جو اونهو اڀياس ڪيو هئائين. هو هو ته شريعت جو صاحب؛ پر تڏهن به صوفين والگر ڪتابن جي علم کي ننديو اٿائين:

زيران زبران آيتان، ڪتيبان جي پڙهڻ،
ايهه سڀائي سڪ، جان جان پريان نه مڙهه.
... ...
پڙهندو ڀڃي ويو ڪوڙين لک قرانڻ،
لکي لوڪ نه سگهيو، پاڻي اندر پاڻ.
... ...

قاضي قادن جي شاعريءَ ۾، ڪيترا اهڙا موضوع آهن، جن جي روايت هن وٽان ئي شروع ٿي آهي، ۽ اهي موضوع اڳتي هلي سنڌي شاعرن جا پسنديده موضوع ٿي پيا ــ

شاهه عنايت ۽ شاهه لطيف ته انهن موضوعن تي سچا سُر لکيا - 'ڪارايل' جي هنج جي اوائلي صورت قاضي قادن وٽ اچها هيءَ آهي:

در پـــورا ســي گـهـران، حـقـيـقـتـا هنجهه،
ڪوڙين هنڌان ڪڻ چگن، سر پاڻيءَ جي منجهه.

ڪلياڻ جي 'ويد ۽ وائدوڙ' جي ابتدائي شڪل به قاضي قادن وٽ ملي ٿي:

آلهـان الـدر مـاهـه، ٻـاهـر ڏک لـه ٻـڌرا،
ويـد ڪريـنـدو دانهه، ٻسان سـي وائدوڙيـا.

قاضي قادن هن بيت ۾ سسئيءَ جو نالو ته نه ڪنيو آهي، پر ان جو پس منظر سسئي پنهونءَ جو داستان ٿو ڀانئجي:

لـڳـي وڃـان ٻـيـر، دانهان ڪندي ڏونـگـر،
سـو ئـي سڄـڻ ميڙ، جنهين هـئـون ڏکـئـي.

ساڳيءَ طرح بيت 34، 35 ۾ رامڪليءَ جي جوڳين، ۽ بيت 60، 61 ۾ 'مـُـلان' ۽ بيت 72 ۾ 'ڏهيسر' جـو ذڪر آهي - انهن موضوعن ۽ مضمونن، جن جي قاضي قادن شروعات ڪئي، اهي صدين تائين سنڌي شاعريءَ تي اثر انداز رهيا - ائين ٿو لڳي ته سسئي، ڪلياڻ، ڪارايل، رامڪلي، سورٺ ۽ ڪلاسيڪي شاعريءَ جا ٻيا سُر، قاضي قادن جي شاعريءَ کان متاثر ٿيل آهن.

قاضي قادن جي شعر جو گهاڙيٽو:

دوهي ۽ سورٺي مان بيت جي ارتقا جا ابتدائي اهڃاڻ پڻ قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ لڀن ٿا. دوها چند به قاضي قادن وٽ آهي، جيئن:

جتي سنسار سچ سان سـه جـا سائين ساڻ هـوءِ،
تو ٻڌر هي ٻيڙا تري، جـه ٿـانءَ نير نه ڪوءِ.

سورٺا چند جا مثال پڻ ملن ٿا - جن ۾ قافيو ٻنهي مصراعن جي وچ ۾ ٿو اچي:

سيڻان هـنـڌو مگيو، ايـهو آيـو،
لـڪي لوڪ نه مگهيو، اسان ڳالهايو.

دوها سورٺا ميل جا مثال پڻ آهن:

سچي سائينءَ سان تـون مـه ڪر ڪوڙي ڪوڙيان،
جـي تـون منجهه هيالو، وو سيو ڪلي ٻـرڪـٺـو.

ٻن سٽن وارا بيت گهڻا آهن، پر قاضي قادن وٽ ٻن سٽن کان وڌيڪ سٽن وارن بيتن جا مثال پڻ موجود آهن:

سچ پيارا سائينيان، سائينءَ سچ سهاءِ،
سچي سنگل نه ڏهي، سچي سرپ نه کاءِ،
سچ سمنڊان سر چڙهي، ڪوڙ ڪڪائين ٻاهه،
جڏهون ڪڏهون ڪوڙ کي، ڏيندو سچ سزاءِ.

... ...

تون آڌار سڌار تون، تون اڌائون اڌ،
تون ئي اکڙين مون، تون ئي اندر هڏ،
ڳل لڳي ڳالهه چوان، ڪهڙي حاجت سڏ.

ٻن سٽن کان وڌيڪ سٽن وارن بيتن ۾، قافيو سڀني سٽن جي پڇاڙيءَ ۾ ٿو اچي.

قاضي قادن جي هٿ آيل بيتن مان، هيٺين بيتن ۾ سندس مشاهدي جي قوت، اصليت ۽ فڪر جي باريڪين جا اهڃاڻ ملن ٿا:

جي سالورو(1) سڌِ لهي، ڪنولان سندي ڪاءِ،
ته پيو پاتال ۾، هولد نه ميڙي ڪاءِ.

... ...

روز محشر ڏينهڙي، ستر سچ تپن،
سيوئي جر پانڻيان، جي مون پرين مڃن.

... ...

ماو(2) مصليا ويرُ، هالي ويٺي وساريون،
عيد ڪريندو ڪير، ماکي سڃڻ گڏيو،

... ...

جيئن ڦڦڙ ماهه ۾، ائين روزا عيد نماز،
اچيا آهي ڪاءِ ٻي، الله دي حاج.

... ...

شري هيري ٺڪر هن بيت جي معنيٰ ٺيڪ نه ڪئي آهي. چولدا آهن "ڦڦڙ نه گوشت" معنيٰ ماس ۾ ڦڦڙ کي گهڻ اهميت آهي، تيئن روزن ۽ عيد نماز کي 'ٻي حاج' کان گهڻ پالٺجي — هن بيت جو مفهوم شاهه لطيف جي بيت "ايءُ ٻڻ چڱو ڪم" سان ملي ٿو اچي.

ڏيهه لٿا سنجها هڻي، اڳون آئي رات،
ڪڙا ٻڪاري پاتڻي، پيڙا ڪهر وات.

... ...

---

(1) ڏيڏر. (2) منهنجو.

پريان سندي ڳالهڙي مر منجهين ئي هوءِ
ٻڌائين ٻين کي، ڪيهو ڪاج سريوءِ.

... ...

ڪڏهن ٻيريءَ ٻور، ڪڏهن ڦل لڳ هڪڙو
ڪڏهن پرهان جا ٻور، ڪڏهن ڪان سڌ ڪي.

... ...

جي سائين سون سچ، تو پڻ ڪوڙا ستڙي
ايا ٿي ڪر لچ، توڙي اگرڙا ٻلڻ.

... ...

مٿي ڏنل بيتن جي اڀياس ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته سنڌي شاعري قاضي قادن جي دؤر ۾ به ايتري رچيل ۽ ترقي يافته هئي جو ان ۾ ڳوڙها ۽ پيچيدا خيال، ڀالت ڀانت جا موضوع، ۽ مشاهدي، ۽ مطالعي جا نتيجا اچي ٿي سگهيا، ۽ فيلسوفيانه توڙي صوفيانه ڀڳتي توڙي ويدالت جا مضمون سمائجي ٿي سگهيا.

شاهه لطيف تي قاضي قادن جو اثر

هر شاعر تي، پنهنجي ابتدائي دؤر ۾ ڪالئس اڳ جي مشهور شاعرن جو اثر پوندو آهي. ڪي ادبي روايتون هونديون آهن، جن جو بنياد ڪي شاعر وجهندا آهن ته ٻيا وري انهن روايتن کي سنواري، سينگاري، چيلي گهڙي، فن جي بلندين تائين پهچائيندا آهن. قاضي قادن، شاهه ڪريم ۽ شاهه عنات جي روايتن کي، شاهه لطيف پنهنجي فن سان سوڌي سنواري، چيلي گهڙي، چوٽ تي پهچايو. قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ اهي اهڃاڻ ٿا ملن جن روايتن تي هلي، سنڌي شاعري اڳتي وڌي، ۽ شاهه لطيف وٽ پنهنجي انتهائي بلنديءَ تي پهتي. قاضي قادن سنڌي شاعريءَ لاءِ ڪوتائي ڪري پڙهه ٻڌي، شاهه ڪريم ۽ شاهه عنات ان تي اوساري ڪري ڍالچو تيار ڪيو، ته شاهه لطيف ان کي رنگ روپ ڏئي سينگاري، سنواري ان کي هڪ خوبصورت عمارت بنايو.

قاضي قادن جا بيت آهن:

لائي لام الف سان ڪاتب لکين جيئن
مون هنيڙو پريان سان لڳو آهي تيئن.

... ...

ڪايا مهه ڏيئي، پيئا جي درياهه ۾،
پسندا سيئي، ساڪ اکڙين سين.

... ...

ڪي ويڄهائي ڏون ڪي ڏوري ٿي ولها،
هوٿي جر سالور، لڌي نہ ڪنولائهہ ڪر.

... ...

عين قصر در لک ڪوڙين سهسين ڪڙڪيان
جان ئي ڪرين پرک، تان ئي سڄڻ ساهان

... ...

ٻيٽو ڦيٽو پيٽ ۾، وڏي مڪلان ماهہ
ڏونيين ڏٺي ڏوڙ ۾ الله اوري آءُ.

... ...

ستو ستي رات، سهہ ٻڪي ٿنن جيئن
نہ تو سنبل تات نہ جهوري تو آهہ ڪا.

... ...

هنن بيتن ۾ ڪيئي ڏلل محاورا شاهہ لطيف وٽ بہ ملن ٿا. ان مان ظاهر ٿو ٿئي تہ قاضي قادن جو اثر شاهہ لطيف جي دؤر تائين بہ رهيو.

شري هيري ٺڪر جي لکڻ موجب "ساهتڪ ڪيتر ۾ ڪرامتون نہ ٿينديون آهن" (ص 23) هر شاعر ڪنهن ماحول ۽ پس منظر جي پيداوار هوندو آهي- قاضي قادن تي هنهنجي همعصرن ۽ اڳ وارن شاعرن ڪبير، سورداس، شيخ فريد، گرونانڪ ۽ ميران ٻائيءَ جو اثر آهي (ص 29). ڪي بيت گرو گرنٿ ۾ پڻ دادو ديال جي نالي آهن (ص 43) جن جي ٻولي سنڌي آهي. هيري ٺڪر وٽ جيڪي دادو ديال جا بيت آهن، تن مان هو صاحب اهو نتيجو ٿو ڪڍي تہ اهي بيت هن قاضي قادن کان متاثر ٿي چيا آهن. اهي سڀ ڳالهيون شري هيري ٺڪر جي ڳالهہ تہ "ادبي ڪيتر ۾ ڪرامتون نہ ٿينديون آهن" جي ثابتي آهن. قاضي قادن پاڻ کان اڳ وارن شاعرن کان اثر ورتو، ۽ پاڻ کان پوءِ ايندڙ شاعرن تي اثر وڌائين.

هيري ٺڪر جي هيءَ ادبي کوجنا، سنڌي ادب تي هڪ احسان آهي. بهتر هو تہ اصل نسخي جا فوٽو پڻ ڏنا وڃن ها. ان تصنيف سنڌي عالمن ۽ ماهرن لاءِ ڪيئي راهون کوليون آهن. هن ڏس ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن، پير حسام الدين راشدي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي، شري موتي لعل جوتواڻي، شري منگهارام ملڪاڻي ۽ ٻين ماهرن کي قلم کڻڻ گهرجي، ۽ پنهنجا رايا ڏيڻ گهرجن.

مارچ ١٩٧٩ع

مضمون/ مقالا

قاضي قادن جي نالي بابت وضاحت

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ٻولي جي پهرين وڏي شاعر ۽ سنڌ جي مشهور قاضي ۽ نامور عالم جو نالو قاضي ’قاضن‘ هو يا قاضي ’قادن‘؟ - اڄ کان ١٨ سال اڳ انهيءَ سوال تي غور ڪرڻ کان پوءِ آءٌ انهيءَ نتيجي تي پهتس ته جيڪي پڪا پختا حوالا اسان جي آڏو آهن انهن مطابق سندس نالو غالباً قاضي ’قادن‘ ئي هو. اهو نتيجو ۽ اهي حوالا پهريون ڀيرو ڪتاب ’سنڌي ٻولي جي مختصر تاريخ‘ ۾ پيش ڪيا ويا جيڪو سن ١٩٦٢ع ۾ شايع ٿيو. تازو دهلي مان ڪتاب ’قاضي قادن جو ڪلام‘ ڇپيو آهي جنهن جي مؤلف هيري ٺڪر پڻ ’سنڌي ٻولي جي مختصر تاريخ‘ ۾ پيش ڪيل نتيجي کي قبول ڪندي قاضي صاحب جو نالو قاضي قادن ڪري لکيو آهي.

انهيءَ تي محترم ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب اعتراض ڪيو آهي. سندس مضمون جيڪو ’قاضي قاضن يا قاضي قادن‘ جي عنوان سان ’پيغام‘ رسالي، ماه نومبر ١٩٧٨ع، ۾ ڇپيو آهي، تنهن ۾ هن صاحب انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته صحيح نالو ’قاضي قاضن‘ آهي. ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي جنهن جذبي سان سنڌي ادب جي خدمت ڪندو رهيو آهي تنهن لاءِ منهنجي دل ۾ وڏو قدر آهي. البت پنهنجي مضمون ۾ هن صاحب جيڪا هيٺين طور تنقيد ڪئي آهي سا علمي لحاظ سان معياري ناهي:

’(ڪتاب ’قاضي قادن جو ڪلام‘ جي) مرتب (هيري ٺڪر) محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي پوئلڳي ڪندي ’قاضي قادن‘ لکيو آهي. محترم ڊاڪٽر بلوچ صاحب اڳين سيني ليکڪن جي ابتڙ پنهنجي ڪتاب ’سنڌي ٻولي جي مختصر تاريخ‘ (ص ١٣١ ۽ ١٣٣) ۾ قاضي قاضن کي ’قاضي قادن‘ ڪري لکيو آهي. ان لاءِ محترم ڊاڪٽر صاحب نه ڪو دليل ڏنو آهي ۽ نه ڪا سند ئي پيش ڪئي اٿس. معلوم ٿئي ٿو ته ڊاڪٽر صاحب ائين سمجهيو آهي ته قاضي صاحب جو اصل نالو قادربخش يا عبدالقادر هوندو، جنهن کي بگيڙي ’قادن‘ بنايو ويو ۽ قاضي صاحب ان نالي سان مشهور ٿي ويو. اسان وٽ اهڙي نموني نالن کي بگيڙڻ جو رواج موجود آهي، پر اها ڳجه - ڊاهه عام ماڻهن جي نالن تائين محدود آهي. عالمن ۽ فاضلن جي نالن کي اهڙي نموني بگيڙڻ جو رواج نظر نه ٿو اچي. انهن کي اڪثر ڪري سان سڏڻ انهن جي توهين سمجهي ويندي آهي. محترم بلوچ صاحب انهيءَ خيال کان به ’قادن‘ لکيو ٿو ڀانئجي جو لغت ۾ ’قاضن‘ لفظ موجود ڪونهي‘.

هن تنقيد ۾ هيٺيون ڳالهيون حقيقت جي خلاف آهن:

١- پهريون ته اهو صحيح ناهي ته ’اڳين سيني ليکڪن جي ابتڙ‘ قاضي قاضن کي قاضي قادن ڪري لکيو ويو آهي. سيني کان اڳاڻا لکندڙ مير محمد معصوم بکري ۽ محمد رضا ٺٽوي آهن؛ پر انهن جي ابتڙ نه، بلڪ انهن جي لکڻ مطابق ئي هي نالو قاضي ’قادن‘ ڪري لکيو ويو آهي.

٢- ’سنڌي ٻولي جي مختصر تاريخ‘ ۾ فقط ٻن صفحن ١٣١ ۽ ١٣٣ تي نه، پر ١٢٥ کان وٺي ١٣٤ تائين ڏهن صفحن تي قاضي ’قادن‘ لکيو ويو آهي.

٣- ائين چوڻ ته ’قاضي قادن‘ لکڻ لاءِ نه ڪو دليل ڏنو ويو آهي ۽ نه ڪا سند ئي پيش ڪئي وئي آهي، سو هڪ لکيل پڙهيل ۽ ’علم جي ڊاڪٽر‘ لاءِ اڻ سهائيندڙ آهي. مڪمل دليل سندن سميت، سڀئي سارين تيرهن سٽن ۾ ’سنڌي ٻولي جي مختصر تاريخ‘ جي صفحي ١٢٦ تي ڏنا ويا آهن. هڪ ته سٽون هجن ها ته ڪٿي ڇنڊڇاڻ ها ته نظر نه چڙهيون، پر هي سڀئي ساري اڌ صفحي جيتري ضروري مواد کي نظر انداز ڪري ائين لکڻ نه جڳائيندو هو ته ڪو به

51497

دليل يا ڪا بہ سند پيش نہ ڪئي وئي آهي.

۴- 'معلوم ٿئي ٿو فلاڻي ائين سمجهيو آهي' .... ائين چئي ڪنهن ٻئي ڏانهن پنهنجي طرفان ڳالهيون منسوب ڪرڻ، علمي تحقيق توڙي تنقيد جي اصولن جي خلاف آهي. جيڪي ڪجهه ڪنهن صاف لفظن ۾ لکيو هجي، تنهن کي ئي بحث هيٺ آڻڻ گهرجي.

۵- لکي قاضي صاحب جي اصلي نالي کي 'لکيڙي' وانگر بنايو ويو، تہ ڇڪي وري سنڌي نالي کي لکڻ ڪرڻ واري رواج کي ... نالن کي بگيڙڻ جو رواج سنڌي سمجهي ٿو. اڄ ائين بہ، ۽ محبت وچان نالن کي لنيو ڪيو وڃي ٿو، ۽ اڳ ۾ بہ ائين ڪيو ويندو هو. اهو رواج 'اڌ نالي' يا 'توهين' واري ڳالهہ کان بالڪل الڳ آهي. ڊاڪٽر عبدالمجيد صاحب جي ٻئي باقي مضمون ۾ پڻ گهڻو ڪجهہ آهي جنهن کي بحث هيٺ آڻي سگهجي ٿو پر مقصد اهو ناهي تہ مٿس جوابي تنقيد ڪئي وڃي. هت اسان جو مکيہ مقصد 'قاضي قادن' واري نالي جي وضاحت آهي جنهن کي هيٺ پيش ڪجي ٿو.

قاضي صاحب جو اصل نالو ڪهڙو هو يا ڪيس ڪيئن ڪري سڏيندا هئا، ان جي پوري تصديق تڏهن ٿئي ها جڏهن قاضي صاحب جي والد جو يا خود قاضي صاحب جو پنهنجو ڪو بيان اسان جي آڏو هجي ها. جئين تہ اهڙا بيان موجود ناهن تہ پوءِ اسان اهڙن شخصن جي بيانن ۽ لکيتن کي سندس نالي بابت وڌيڪ ترجيح ڏينداسون جيڪي قاضي موصوف کي وطن جي لحاظ سان توڙي حياتي جي دور جي لحاظ سان ٻين سڀني کان وڌيڪ ويجها هئا. اسان جي موجوده معلومات جي بناء تي چئي سگهجي ٿو تہ مير محمد معصوم بکر وارو، شاهہ عبدالڪريم بلڙي وارو ۽ محمد رضا ٺٽي وارو ٻين سڀني کان قاضي صاحب کي وڌيڪ ويجها هئا.

مير محمد معصوم بکر جو هو ۽ قاضي موصوف جي حياتي جو وڏو حصو بکر ۾ رهيو. مير معصوم جي لکيل 'سنڌ جي تاريخ' (تاريخ معصومي) ۾ قاضي صاحب جو نالو 'قاذن' جي صورت ۾ آهي. مير معصوم پنهنجي تاريخ فارسي ۾ لکي، جيتوڻيڪ سندس پنهنجو هٿ لکيل نسخو موجود ڪونهي، پر ان تان يا ان جي نقلن تان جيڪي نسخا جدا جدا ڪاتبن جدا جدا سالن ۾ لکيا تن سڀني ۾ نالي جي اها ساڳي صورتخطي موجود آهي. ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم موجوده نسخن کي ڏيٺي تاريخ معصومي جو مستند فارسي متن تيار ڪيو جيڪو شايع ٿي چڪو آهي. ان ۾ قاضي موصوف جو نالو 'قاذن' جي صورت ۾ موجود آهي (صفحا ٢٠٠-٢٠٤). ان مان ظاهر آهي تہ اصل ۾ مير معصوم پاڻ اهو نالو ائين لکيو، ائين نہ هجي ها تہ اهو نالو انهيءَ صورتخطي سان تاريخ معصومي جي جدا جدا قلمي نسخن ۾ ائين نہ لکيو وڃي ها.

قاضي موصوف جو ٻيو هم-وطن ۽ حياتي جي دور جي لحاظ سان ڪيس وڌيڪ ويجهو شاهہ عبدالڪريم بلڙي وارو هو. قاضي صاحب جي وفات (٩٥٨هہ مطابق ١٥٥١ع) وقت سندس عمر ١٤-١٥ سال کن هئي. قاضي صاحب ٺٽي ۾ آيو ويو، ۽ ميون شاهہ عبدالڪريم پاڻ ٺٽي کي ويجهو هو ۽ ٺٽي ۾ سندس اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. شاهہ ڪريم پاڻ قاضي صاحب جي عارفانہ شعر کان بيحد متاثر هو جو سندس بيت وقت بوقت پنهنجن مريدن معتقدن جي آڏو قاضي صاحب جو نالو وٺي پڙهيائين. سندس مريدن مان ڪن، ميين شاهہ ڪريم جي تصديق موجب، قاضي صاحب جو نالو ۽ سندس بيت لکيا ۽ ياد ڪيا. انهن مريدن مان هڪ عالم ۽ درويش، محمد رضا ٺٽوي، انهن ٻين سميت ميين شاهہ ڪريم جي ملفوظات کي 'بيان العارفين و تنبيہ الغافلين' جي نالي سان فارسي ۾ لکيو. خوش قسمتي سان اهو ڪتاب، خود محمد رضا جي پنهنجي هٿ اکرين سن ١٠٣٦هہ جو لکيل، ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم کي مليو جنهن تان هن صاحب سنڌي ۾ 'شاهہ ڪريم بلڙي واري جو ڪلام' مرتب ڪيو جيڪو سن ١٩٣٧ع ۾ ڇپيو. هن ڪتاب ۾ قاضي صاحب جو نالو چار ڀيرا 'قاذن' لکيل آهي (صفحا ٢٦، ٨٧، ١٢١، ١٢٩)، هڪ

پيرو (ص ٢٨) 'قاذن (قاضن)' ۽ فقط هڪ پيرو (ص ٣٦) 'قاضن'. صفحي ٢٨ تي ڏنگين ۾ (قاضن) ڊاڪٽر صاحب مرحوم جي طرفان اضافو آهي، ۽ انهيءَ لحاظ سان پنج پيرا هي نالو 'قاذن' ۽ فقط هڪ پيرو 'قاضن' جي صورت ۾ ڏنل آهي.

نتيجي طور چونداسون ته مير محمد معصوم بکري ۽ محمد رضا ٺٽوي (جنهن هي نالو ميين شاهه ڪريم جي تصديق سان ٻڌو ۽ لکيو) قاضي صاحب جو نالو 'قاذن' ڪري لکيو آهي. اهي ٻئي سيني کان وڌيڪ معتبر شاهد آهن ۽ سندن لکيتون وڌيڪ مستند آهن، ڇاڪاڻ جو هو قاضي صاحب کي وطن توڙي حياتي جي دور جي لحاظ سان وڌيڪ ويجها آهن، ۽ ٻيو ته هو اعتماد وارا مؤرخ ۽ عالم آهن. جيڪڏهن قاضي صاحب جو ذاتي نالو 'قاضن' هجي ها ته هو ان کي 'قاذن' جي صورت ۾ نه لکن ها. اهو نالو اصل ۾ 'قادن' هو جنهن ڪري ان کي 'قاذن' جي صورت ۾ لکيو ويو. فارسي عبارتن ۾، اعلام (خاص نالن) ۾ ٻنهي صورتن ۾ 'دال' کي 'ذال' ڪري لکڻ جو رواج عام هو؛ لغت ۾ پڻ 'دال' ۽ 'ذال' جي تبديل مشهور ۽ مجيل آهي.

'سنڌي ٻولي جي مختصر تاريخ' ۾ مير معصوم توڙي محمد رضا جا حوالا سند طور موجود آهن، ۽ انهن حوالن جي بناء تي ئي اهو نتيجو پيش ڪيو ويو هو ته غالباً قاضي موصوف جو اصل نالو 'قادن' هو. اهو سنڌس ذاتي نالو هو، ۽ ائين نه هو ته ڪو 'قادر بخش' يا 'عبدالقادر' کي بگاڙي 'قادن' ڪيو ويو. 'قادن' پيار وارو نالو هو، ۽ سنڌ ۾ پيار پرين ننڍين نالن ڏيڻ جو رواج هو. ان کان سواءِ عالمن فاضلن جا نج سنڌي نالا پڻ آڳاٽي وقت کان وٺي هلندا آيا. قاضي قادن جو ناني 'قاضي سائينڏنو' هو، جنهن جي پٽ جو نالو 'مير' (ميان مير) هو. قاضي ڏتو سيوهاڻي پڻ پنهنجي وقت جو مشهور قاضي ۽ عالم هو. قادن، مير، ڏتو ۽ ٻيا اهڙا نالا سنڌي رواج موجب نهايت سهڻا ۽ پيارا هئا: انهن ۾ 'اڻ نالي' يا 'توهين' جو ڪو شبهو ئي ڪو نه هو.

مير معصوم ۽ محمد رضا جي پيٺ ۾ سنڌ جا ٻيا سڀ لکندڙ گهڻو پوءِ جا آهن. جيڪڏهن انهن قاضي موصوف جو نالو 'قاضن' لکيو آهي، يا سنڌ کان ٻاهر جي ڪن لکندڙن به 'قاضن' لکيو ڇاڪاڻ جو 'قاضن' نالو سنڌ کان ٻاهر رائج هو، تڏهن به انهن دليلن جي آڌار تي مير معصوم يا محمد رضا جي شاهدين کي رد نٿو ڪري سگهجي. اهو گمان به نٿو ڪري سگهجي ته قاضي موصوف کي بالڪل ويجهي اوائلي دور جي مصنفن، 'قاضن' نالي کي ڦيرائي 'قاذن' ڪري لکيو هوندو؛ البت اهو گمان ٿي سگهي ٿو ته پوئين دور جي لکندڙن 'قاذن' بدران 'قاضن' ڪري لکيو. اچار جي هڪ جهزائي سبحان سنڌ کان ٻاهر توڙي پوئين دور جي سنڌي لکندڙن کان اهڙي ڀل ٿي سگهي ٿي.

سنڌ کان ٻاهر جو هڪ لکندڙ اهڙو هو جنهن قاضي صاحب جو نالو عربي صورتخطي بدران ديوناگري ۾ لکيو. گهڻو ڪري ائين پائنجي ٿو ته اهو لکندڙ درويش دادو ديال (يا سنڌس ڪو چيلو) هو جيڪو قاضي قادن جي بيتن ۽ انهن ۾ سمايل سهڻين معنائن کان گهڻو متاثر ٿيل هو جئن سنڌس پنهنجن ڪن بيتن مان ظاهر آهي. دادو ديال، قاضي قادن جي وفات وقت ٧-٨ سالن جو هو. هو ١٥٤٤ع ۾ ڄائو ۽ ١٦٠٣ع ۾ گذاري ويو: يعني ته هو پڻ مير معصوم ۽ ميين شاهه ڪريم ۽ محمد رضا ٺٽوي جو همعصر هو. ان دور ۾ دادو ديال پاڻ يا سنڌس ڪنهن چيلي قاضي قادن جا بيت لکيا جيڪي پوءِ دادو پنٿ جي ساڌن سنتن سنڀاليا، تان جو سنت هريداس واري مت ۾ سانڍيل پستڪ 'سنتون ڪي واڻي' ذريعي هن دور تائين پهتا. انهيءَ پستڪ تان ئي تازو دهلي جي هڪ لائق سنڌي اديب هيري ٺڪر، قاضي قادن جا بيت پستڪ وارين پڙهڻين مطابق شايع ڪيا آهن. هن پستڪ ۾ جنهن باب هيٺ اهي بيت لکيل آهن، ان جو عنوان ۽ خاتمو هن طرح ڏنل آهن:

عنوان

'ڪاجي ڪادن جي ڪي ساکي
(سنڌي) اوريي ساڌان ڪي ساکي
ايڪٺي'.

کریم بخش خالد

قاضي قادن کان شاهه لطيف تائين

اگسٽ ۱۹۷۸ع ۾، پوجا پبلڪيشنس، دهليءَ طرفان 'قاضي قادن جو ڪلام' شايع ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ مهاڳ ۽ ٻين شروعاتي ادبي ڳالهين سان گڏ، جن ۾ قاضي قادن جي ڪلام حاصل ڪرڻ جي لاءِ جاکوڙ، سندس عهد جو ماحول، زندگي ۽ ڪارنامن بابت تاريخي تذڪرو به شامل آهي، قاضي قادن جا ۱۱۲ ناياب بيت، شرح ۽ ڏکين لفظن جي معنيٰ سان ڏنل آهن. ڪتاب جو مؤلف شري هيرو ٺاڪر آهي، جيڪو آل انڊيا ريڊيو جي خبرن واري يونٽ ۾ ڪم ڪري ٿو. ٦ سيپٽمبر ۱۹۷٦ع تي، آڪاش وائيءَ جي هڪ بليٽن ۾ خبر آئي ته، هندوستان جي هريانا علائقي جي هڪ ننڍي ڳوٺ جي ٺڪاڻي مان پندرهين صدي عيسوي جي هڪ سنڌي شاعر قاضي قادن جا ۱۱٦ بيت هٿ آيا آهن. هن وقت تائين قاضي قادن جا فقط ست بيت، سنڌي ادب جي آسمان تي ڪتين جيان ڪر موڙيون روشن هئا.

شري ٺڪر لکيو آهي ته اهو ادبي ذخيرو راجا رام شاستريءَ وٽ هو، جيڪو پراڻي ديوناگري لپيءَ ۾ ۷۵۰ صفحن تي مشتمل هڪ وڏي گرنٿ 'سنتون ڪي وائي' ۾ شامل هو ۽ ان ۾ هندو ۽ مسلمان جملي اٺهتر درويشن جو ڪلام لکيل آهي. ان ۾ قاضي قادن جي بيتن شروع ٿيڻ کان اڳ هڪ عنوان قائم ڪيل آهي: 'ڪاجي ڪادن جي ڪي ساکي (سنڌي) اور ٻي ساڌان ڪي ساکي ايکلي'. ڪتاب جي شروعات شري دادو ديال (۱۵۴۴ع-۱٦۰۳ع) جي وائيءَ سان ٿي ٿئي. انکانپوءِ ڪبير ۽ نامديو ڀڳتن جي وائي آهي. قاضي قادن جا بيت ڪتاب جي پوئين اڌ ۾ آهن، جن کان يڪدم اڳ ۾ پنجابي شاعر شاهه حسين جا بيت آهن ۽ قاضي قادن جي ڪلام کانپوءِ گروناڪ ديو جي وائي ڏنل آهي.

شري ٺڪر وڌيڪ لکيو آهي ته سڄو گرنٿ پراڻي ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل آهي، جنهن جا ڪيترا اکر هاڻوڪي ديوناگري لپيءَ کان نرالا آهن. مثال طور مسوده ۾ ٻ، ٿ، ڇ وغيره اکرن لاءِ هاڻوڪي ديوناگري کان بنهه نرالا اکر ڪم آيل آهن. ميم جو اکر سين وانگر، جيم جو اکر نون وانگر ۽ آ جو اکر ه وانگر به پيو لڳي. اهڙي طرح پراڻي ديوناگري لپيءَ ۾ ڪن مخصوص سنڌي آوازن جهڙوڪ ڳ، ڄ، ڏ، ٻ، ۽ عربي فارسي جي سنگهرشي آوازن جهڙوڪ خ، غ، ظ، ض جي برابر اکرن نه هجڻ سبب گرنٿ جي لکندڙن، انهن آوازن سان مشابهت رکندڙ آوازن وارن ٻين الڳ الڳ قسم جي اکرن کي ڪم آندو آهي جنهن ڪري سنڌي بيتن جو صحيح روپ طيءِ ڪرڻ ڏکيو بڻجي پيو. انجو هڪ ڪارڻ شايد اهو به هجي ۽ جيئن ظاهر آهي، ته بيت ڪنهن غير سنڌيءَ، ڪنهن سنڌيءَ کان ٻڌي لکيا آهن، انڪري آهي صحيح نموني ۾ نقل ٿي نه سگهيا آهن.'

بهرحال انهيءَ مسوده جي ڇپجڻ سببان سنڌي اساسي شاعريءَ جو هڪ اهم ۽ ناياب ذخيرو ظاهر ٿيو آهي جيڪو ادبي 'پنج گنج' کي پورو ڪري ٿو. قاضي قادن (۸۷۰هه-۹۵۸ع) شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو (۹۴۳هه-۱۰۲۳هه)، شاهه لطف الله قادري (۱۰۲۰هه-۱۰۹۰هه)، ميين شاهه عنات (۳۵-۱۱۳۰هه-۲۵-۱۱۲۰هه) ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي (۱۱۰۲هه-۱۱٦۵هه) جو ڪلام تاريخي تسلسل ۽ ديني ادبي روايت مطابق، پوري طرح اسان جي سامهون اچي ويو آهي، جنهن مان معلوم ٿو ٿئي ته 'نائين صدي هجري (پندرهين صدي عيسوي) کان وٺي، سنڌ جي ڀلارن بزرگن، عالمن ۽ عارفن، انساني اخلاق ۽ معاشري جي اصلاح واسطي پنهنجي تلقين ۽

تبليغ کي سنڌي شعر ذريعي عام ڪرڻ شروع ڪيو. تزڪيءِ نفس ۽ اخلاقي تربيت خاطر، خالق جي شناس، مخلوق سان همدردي، حق ۽ حقيقت جي تلاش وغيره سنڌن شاعريءَ جا اهم باب ٻڻيا ۽ اهڙيءَطرح سنڌي شاعريءَ ۾ محض 'ڳالهه ۽ بيان' جي بدران 'فڪر ۽ معنيٰ' جا پيوند لڳڻ شروع ٿيا. آسانيءَ خاطر قصن ۽ ڳالهين جي قالب کي تمثيل طور استعمال ڪري، حق ۽ حقيقت جي نڪتن کي نروار ڪيو ويو ۽ انساني اخلاق ۽ روحاني سربلندي جي راهه کي روشن ڪيو ويو. فڪر ۽ خيال سان لبريز هن اخلاقي ۽ عارفانه شاعري جي شروعات سان، 'سنڌي اساسي شاعري' جو سلو ساڻو ٿيو، جو اسانکي قاضي قادن (٨٧٠-٩٥٨هه) جي ڪلام ۾ نڪرندو نظر اچي ٿو، ۽ بالاخر حضرت شاهه عبداللطيف جي شعر ۾ هڪ ميويدار درخت جي صورت ۾ ساهمون اچي ٿو. (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ - 'شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام'، صفحو ١٩-٢٠).

شري ٽڪر ڪان هن ڪلام نقل ڪرڻ ۾ گهڻيون ئي فاش غلطيون ٿيون آهن، جيڪي متي ڄاڻايل مشڪلات جي سببان نادانسته ۽ فطري آهن. اسانجي علم و ادب جي تاريخ ته اڃا تائين پوري طرح مرتب ٿي نه سگهي آهي البته ايترو ثابت ٿي چڪو آهي ته قديم سنڌي ادبي سرمايو نظم جي روپ ۾ آهي ۽ انجو گهڻو حصو صدري روايتن تي مبني آهي جو ته سنڌي ٻوليءَ جي، ان وقت واري صورتخطي جو ڪو خاص معياري نمونو هٿ ڪونه لڳو آهي. جيڪي تحريري مواد مليو آهي، سو هندو سنڌي اکرن ۾ يا ديوناگري لپيءَ ۾ يا وري فارسي ۽ عربي تصنيفن ۾ آيل آهي. قاضي قادن جي ڪلام جي سلسلي ۾، اڳ شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم 'بيان العارفين' (فارسي ملفوظات) تان، شاهه عبدالڪريم جي زندگي ۽ ڪلام سان گڏوگڏ قاضي قادن جا ست بيت بيان ڪيا آهن، جن جي پڙهڻي ۾ ۽ شري ٽڪر جي پڙهڻين ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. ڊاڪٽر صاحب جي ڄاڻايل ڪلام ۾ ليءِ، تاثير ۽ رواني آهي، پر شري ٽڪر واري ڪتاب ۾، ديوناگري لپيءَ سنڌس محنت کي گهڻي ڀاڱي رائيگان ڪري ڇڏيو آهي. ٻيو سبب هيءُ آهي ته شري ٽڪر قاضي قادن کي پيشوز شاعر، ڪوي يا ڀڳت سمجهيو آهي حالانڪ شاعري نه سنڌس پيشه هو ۽ نه وري شوق. سنڌس اهي منظوم گفتا، سماجي اصلاح ۽ انساني تهذيب جي سلسلي ۾ تبليغ ۽ نصيحت جي ڪوشش کي ظاهر ڪن ٿا ۽ جئن ته انهيءَ عهد ۾، نثر جي مقابلي ۾ نظم وڌيڪ اثرائتو ۽ مقبول ذريعهٔ اظهار هو، ان ڪري قاضي قادن پنهنجي دعوت لاءِ اهو ئي ذريعو اختيار ڪيو. بهرحال شري ٽڪر جي نيت ۾ ڪو فتور نظر نٿو اچي، سنڌس مقصد سنڌي ٻوليءَ جي خدمت آهي، ان ڪري سنڌس ڪوشش مبارڪ ۽ تعريف جوڳي آهي.

شري ٽڪر لکيو آهي ته قاضي قادن جو ڪلام، اتر هندوستان ۾ هليل 'ڀڳتي هلچل' جي شروعاتي دور جو ادبي ذخيرو آهي ۽ شاهه لطيف انهيءَ تحريڪ ۾ پوءِ جو شريڪ آهي. جنهن انداز ۽ جنهن مقصد سان شري ٽڪر اها راءِ قائم ڪئي آهي سو هڪ نهايت دکدائڪ ۽ ڀيانڪ ثقافتي حملو آهي سنڌ جي ادبي روايتن تي ۽ سنڌ جي موحد ۽ ايماندار عوام تي. شري ٽڪر ۽ سنڌس ٻين همنوا پارٽي سنڌي اديبن ۽ دانشورن 'رام ۽ رحيم هڪوئي آهي' جي پراڻي راڳ کي وري آلاپيو آهي. 'ڀڳتي تحريڪ' جا سڀيئي درويش ۽ ڀڳت، توحيدي فسلفه جا داعي هئا ۽ ان هلچل جو مقصد هندو ڌرم جي زوال پذير معاشري جي اصلاح ۽ احياءَ سان گڏ و گڏ اسلام جي روز افزون وڌندڙ طاقت کي روڪڻ هو. ڪيترا غير مسلم درويش ۽ دانشور نه فقط اسلام جي توحيدي فلسفي ۾ اعتقاد رکندا هئا، پر هو رسول اڪرم ﷺ

ڪي سرچشمۂ هدايت جي حيثيت ۾ مڃيندا هئا، بت پرستي کان نفرت ڪندا هئا ۽ اسلامي تعليمات کي معاشري جي اصلاح ۽ فعاليت لاءِ ضروري سمجهندا هئا. اهي ئي بنيادي عقيدا آهن جن تي اسلامي سماج جي پيڙهه رکيل آهي ۽ مٿي ڄاڻايل پنجن ئي قديم ڪلاسيڪي سنڌي شاعرن جي ڪلام ۾ اهائي روايت نروار نظر اچي ٿي. مونکي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته شري ٺڪر، شري رام پنجواڻي، شري جهرامداس دولترام، دهلي يونيورسٽي ۾ سنڌي شعبي جي سربراهه ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، بزرگ شاعر شري نارائڻ شيام، ڊاڪٽر موتي لعل جوتواڻي، ڊاڪٽر پرسي گدواڻي ۽ ٻين مترن، جن شري ٺڪر جي مدد ڪئي، تن شايد هندوستان جي هڪ عظيم دانشور ڊاڪٽر تارا چند جو شاهڪار انگريزي ڪتاب *Influence of Islam on Indian Culture* (تمدن هند تي اسلامي اثر) نه پڙهيو آهي، جنهن ۾ انهن سڀني رشين، دانشورن، گرن، ساڌن، ڀڳتن ۽ ڪوين جي اعتقادن ۽ عملي زندگيءَ جو تفصيلي ذڪر ٿيل آهي جيڪي 'ڀڳتي هلچل' جا نقيب ۽ داعي مڃيا وڃن ٿا ۽ شري ٺڪر پنهنجي ڪتاب ۾ انهن جو سرسري ذڪر ڪيو آهي.

شري ٺڪر کان هڪ ٻي زبردست غلطي ٿي آهي جو هن قاضي قادن ۽ شاهه لطيف جي ڪلام ۾ مماثلت ۽ مشابهت کي، شاهه سائين تي قاضي صاحب جو اثر سمجهيو آهي. پر مٿي ڄاڻايل پنجن ئي قديم سنڌي شاعرن جي ڪلام جي ناقدانه اڀياس مان معلوم ٿيندو ته سڀني جو سرچشمو قرآن حڪيم، نبي سڳوري جون حديثون ۽ قديم فارسي صوفي شاعرن جهڙوڪ مولانا رومي جو ڪلام آهي، جن کي هنن پنهنجي عهد جي ادبي معيارن مطابق بيان ڪيو آهي ۽ انهن جي مقبوليت ۽ سماجي سٽا ۾ اهميت جي پيش نظر ماڻهن تائين پئي پهچايو. ۽ انهن جي ادبي تجزيه ڪندي ظاهر ٿيندو ته هر هڪ بزرگ، ٻوليءَ جي اوسر جي لحاظ کان پنهنجي پيش رو بزرگ جي ڪلام کي اظهار بيان، معنيٰ ۽ مطلب، رواني ۽ ليءِ ۾ اڳتي وڌايو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي دامن کي رنگ برنگي گلن سان سجايو، معطر ڪيو ۽ مالا مال ڪيو. قاضي قادن کان شاهه لطيف تائين، سنڌي ٻوليءَ ۾، خاص ڪري نظم جي اوسر جون سلسليوار ڪڙيون ملن ٿيون جيڪا ڳالهه ادب جي تاريخ ۾ وڏي اهميت رکي ٿي.

هاڻي ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته سنڌ يونيورسٽيءَ جو سنڌيالوجي شعبو يا سنڌي ادبي بورڊ يا شاهه لطيف ثقافتي مرڪز طرفان سرڪاري طور قاضي قادن جي سنڌي ساکيءَ جو ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل مسوده هندوستان مان گهرايو وڃي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جيڪو هن سلسلي جو ماهر ۽ عامل دانشور آهي، ان تي تفصيلي تحقيق ڪري، سنڌي ادبي تاريخ جو ڪٽل باب پورو ڪري ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ديني روايت جي تسلسل کي، مالها جيان پوئي، سنڌ جي صحيح سونهن کي اجاگر ڪري، ڇو ته اسان جي اها ئي ثقافتي دولت آهي جيڪا لا زوال ۽ بيمثال آهي ۽ جنهن اسان کي ڏکڻ ايشيا جي قومن ۾ ممتاز حيثيت عطا ڪئي آهي.

هندوستان مان شايع ٿيل، قاضي قادن جي ڪلام جو سنڌي لپيءَ ۾ متن هن طرح آهي:

— ١ —

زيرانِ ٿرب ان آيتانِ اڳر آنتُ نه پارُ
هيڪڙيو ايمان ۾ لهن سڀني سارَ

— ٢ —

جُوجُو ٻارهَ لڳ ڪوڙين ڪتيانِ جي پڙهِ
ايهه سڀائي سِڪ جانِ ٻمانِ پرِيانِ نه مِڙءِ

— ٣ —

ڪَنز قُدُوري ڪافِيا ڪِي ڪين پڙهِيامِ
سو ڏيهو ئي ڪو ٻيو جانِ ئي پرين لڌامِ

— ٤ —

پڙهندو پئي ويو، ڪوڙين لِڪ قرآنَ،
لڳي لوڪ نه سگهيو پاڻي اندر پاڻ

— ٥ —

جي گهر گهڙي نه ڪينهه، سائين تو ديدار کي،
ڪيهي حج ڪرينهه، سو وي پهنچون رب ڏي آن

— ٦ —

سُتو ويٺو اُٿيو، ڳالهائيندو گهيندو،
اسان تُسان جي تاتِڙي وا اتِرئين ويندو

— ٧ —

اگر پيا وِسارِ الفُ اڳهون ٿي يادڪر،
سو تون ڏيئو بارِ جو نه اجهنيءَ ڪڏهين

— ٨ —

لائي لوم الف سان، ڪاتب لکين جيئن،
مون هنيڙو پريان سان، لڳو آهي تيئن

— ٩ —

جان پاڻان جو پڌرو، پُڌو آءٌ سڌُ
مون هنيڙو تان ٿي ڪيو، پريان سُون گڏُ

— ١٠ —

ڀڙيون ٿي پريانم جا، مون سان ٿي سوڙان،
هنيڙو هيج پنڌ ڪري، لڳو ڪه ڪيٽان

— ١١ —

نه سو لاهو نه سِرو، نه اُرِوار نه پار،
موڙهو وتين تن ڪي، سو مَن منجهه نهار

— ١٢ —

دل اندر دريا، وڃيءَ ڪيا سمنڊ ڪل،
ماڻڪ اِهَ سِريا وڃي چوڪي نه ڪٽي

— ١٣ —

ڪايا مُهِ ڏيئي، پيتا جي دريا وَهم،
پسندا سيئي، ماڻڪ اکڙين سين

— ١٤ —

در پور اگر سي گهران، حقيقتا هنجهه؛
ڪوڙين هندان ڪڻ چُڳن، سرپائي جي منجهه

— ١٥ —

وڃي آيو ڪير، ڪنهن ڏِٺو مُهُ لاهوتين
اچي ڪندو ڪير، ڳالهيون رب پرتيان

— ١٦ —

هُن سَرَ سَنڌا هنجهڙا، اِتي ٿي اهين،
ڳالهين رب پرتيان، جو مَنڱي سو ڏين

— ١٧ —

سرهيڪڙي وسن، جرم نيٺهن نه گڏيو،
سارنه سالورن، متي ڪنول قلاريو

— ١٨ —

جي سالورو سڌ لهي، ڪنولان سندي ڪاءُ،
تو پيو پاتال ۾، هوندنه متي ڪاءِ

— ١٩ —

ڪي ويجهائي ڏورِ، ڪي ڏوري ئي ولها،
هوئي جر سالورِ لڌي نه ڪنولا نهه ڪر

— ٢٠ —

اڳ اندر سرِ، وڃي پس جو ٿاڪ
منجهيٽي مڪوئيو، منجهيٽي ملتان

— ٢١ —

اکيون اڪا سانهه، فوجون ڪري اٿيون،
سوڙهي گلي منجهانهه، سو جهي پرين لهنديون

— ۴ —

پڙهندو پئي وِيو، ڪوڙين لک قرآن،
لڳي لوڪ نه سگهيو پاڻي اندر پاڻ

— ۵ —

جي گهر گهڙي نه ڪينهه سائين تو ديدار کي،
ڪيهي حج ڪرينهه سوي پهچون رب ڏانءِ

— ۶ —

سُتو وينو اٿيو، ڳالهائيندو گهميندو،
اسان تسان جي تاتڙي واتڙ ٿين ويندو

— ۷ —

اڳر پيا وسار، الف اکيون ٿي ياد ڪر،
سو تون ڏيئو پار، جو نه اجهنئه ڪڏهين

— ۸ —

لائي لام الف سان، ڪاتب لکين جيئن،
مون هنيڙو پريان سان، لڳو آهي تيئن

— ۹ —

جان پاٽان جو پڏر، ور پڏو آءِ سڏ
مون هنيڙو تان ٿي ڪيو، سپريان سؤن گڏ

— ۱۰ —

پهريون ٿي پريانم جا، مون سان ٿي سوڙان؛
هنيڙو هيج پنڌ ڪري، لڳو ڪه ڪيٽانِ

— ۱۱ —

نه سو لاهو نه سرو، نه اُرواره نه پار،
موڙهو وتين تن ڪي، سو من منجهه نهار

— ۱۲ —

دل اندر دريا و، پڇئه ڪيا سمنڊر ڪل؛
ماڻڪ اهه سريا وچگي جو ڪي نه ڪٽي

— ۱۳ —

ڪايا مهه ڏيئي، پيتا جي دريا وَ م،
پسندا سيئي، ماڻڪ اکڙين سين

— ۱۴ —

در پور اڳر سي گهران، حقيقتا هنجهه؛
ڪوڙين هندان ڪري چگين سرياڻي جي منجهه

— ۱۵ —

وڃي آيو ڪير ڪنهن ڏِنو مُهه لاهوتين
اچي ڪندو ڪير، ڳالهيون رب پرتيان

— ۱۶ —

هن سرسندا هنجهڙا، اتي ٿي آهين،
ڳالهين رب پرتيان، جو منگي سو ڏين

— ۱۷ —

سرهيڪڙي وسن، جرم نينهن نه گڏيو،
سارن سالورن، متي ڪنول ڦلاريو

— ۱۸ —

جي سالورو سڏ لهي، ڪنولن سندي ڪاءِ
تو پيو پاتال م هوند نه متي ڪاءِ

— ۱۹ —

ڪي ويجهائي ڏور ڪي ڏوري ئي ولها،
هوئي جر سالور لڌي نه ڪنولا نهه ڪر

— ۲۰ —

اڪ اندر سريو جا ڳي پسُ جو اٽ
منجهيٽي مکوڙيو، منجهيٽي ملتان

— ۲۱ —

اکيون اکا سانهه فوجون ڪري الٽيون
سوڙهي گلي منجهانهه سو جهي پرين لهنديون

— ٢٢ —

سهبانُ بانهه ٿيو ٻنڪي نه ماري
اڪ ڪوڙي عرش ۾ لڌي مناري

— ٢٣ —

جنهين جان جدا ڪئي تون مهه تنهين ٻس
لتاڙين لٽن سي، اٿي پهر عرش

— ٢٤ —

واحد هند ٻن دائرين هيڪڙ يو ميئي
جنهين جان جدا ڪئي پسندا سيئي

— ٢٥ —

حقيقي مون سين، وسن سهر حقيق ۾
ڳالهه چون حقيقيان، چون حقيقي وين

— ٢٦ —

سفيفي مون سين، وسن سهر سفاف ۾
ڳالهه چون سفافيان، چون سفافي وين

— ٢٧ —

جنهين مڪ مران امي الٿي اڪڙ ٿئين
تنهين جي ڳالهاءِ معد وئي سا چوٿيو

— ٢٨ —

ڪنجي ڏيئي جهليو، جنهين روح رساو
تنهين سندي ٽلهڙءِ سونهاري سياو

— ٢٩ —

جي لوڙي تني نه الهان الوڙي دي ڏير
توڙي ڏسڻ سهٽي اند ان تل نه پير

— ٣٠ —

سوني سرپ نه لوڙيان جي لوڙيان ته لڪ
مون تنهان سندي ٻڪ جنهين مستڪ مٽي ٻلهه

— ٣١ —

عين تصر در لڪ ڪوڙين سهسين ڪڙ ڪيان
جان ٿئي ڪرين پرڪ، تان ٿئي سڄڻ سامهان

— ٣٢ —

ڀهرين پاڻُ پرڪ پرين پرڪڻ ساڪڙا
ڊُ پيي سوئي رڪ، جتان ڏڪا نه لهين

— ٣٣ —

ڀهرين پاڻ وڃاءِ، پاڻ وڃائي سولهي
من اندر مهه پاءِ، توئي اندر سپرين

— ٣٤ —

تون ويرون ٿئي وير، جوڳي سو جوڳ ۾
تون اسان جو پير، سو ڏي ڏيئين سرير ۾

— ٣٥ —

ستا هتوس ننڊ ۾، جوڳيءَ جاڳايوس
مر وڃايائين مون منان، تت ويڪايوس

— ٣٦ —

اپري ۾ پير، ڪنهين لڌو پيريئين
تهه پيو سند و پير، ڪوڙين منجهين ڪولهي

— ٣٧ —

جي مهراڻ مياڪري، ته ساگر و سهي نه سٽ
يون پريان سندي ڳالهڙي رهي نه اندر گهٽ

— ٣٨ —

الان جيهي ال، تسان ته آسان جيتڙي
پريان جامع ال، تسان پيائي الهن

— ٣٩ —

لڳي وڃان پير، دانهان ڪندي ڏونگر
سوئي سڄڻ مير، جنهين هئون ڏٺي

— ۴۰ —

تون تون تَدِ ڪَرِيمَ، لَڳندا ءِ ڪَرَ ٿَنَدَ جِيئَن؛
سائِين سَنڀاريمَ، جِنِ پَهَ روحَ سِرِجِيا

— ۴۱ —

سورَ جِنهون ڪي هُوءِ، ليهانِ تِنهين اُپَرِنِ؛
ڪاٺي ڪوءِ ڏِٺوءِ، داٺهانِ ڪَنڌو سورَنِ

— ۴۲ —

ڪاڳَدَ ڪالي اکِرينِ، مُون سانِ مون سيٽينِ؛
گهوري ڪُٺي وِڃائِيانِ، وِي مَنڊي نيٽينِ

— ۴۳ —

ڪاڳَدَ ڪالي اکِرينِ، مَئِنِ واچينِد اِڙِ وِڏو؛
سَڄَڻَ اَڇِي اکِرينِ، مَئِنِ لوڙِيندو لَڏو

— ۴۴ —

ليهانِ لَڪَ ڪِيامِ، پَسَڻُ ڪي پاٽانِ پِرِينِ؛
سو جهي سيڻ لَڏامِ، مَنَ مَنجهين ئِي سُپِرِينِ

— ۴۵ —

روئِي مُڪَرِ پِڌِ رو، هَٿَ مَنجهئِي جالِ؛
جانِ جانِ پِريانَ نه مِڙِءِ، تَنُ ڪانئِي جيئِنِ بالِ

— ۴۶ —

هَسَئِنِ ڪِتَ سَهَجَڙي، رووَئِنِ ڪي ناهِينِ؛
پِرِيانِ پَسَڻَ جوڳِيانِ، اَڪِ تو ناهِينِ

— ۴۷ —

پِرِيانِ سَنڌي ڳالِهڙي، مَرِ مَنجهينِ ئِي هُوءِ؛
ٻِڌائِينِ ٻِيَنِ ڪي، ڪيهَر ڪاڄُ سَرِيوءِ

— ۴۸ —

وِچارانِ وِي پِٽَ، تون جَهلِ ٻاهَر نِڪري؛
اَسانِ هَنجَئِونِ هَٿَ، ڪامِئِنِ لوُسَئِنِ مَنجهِ ٿِيو

— ۴۹ —

اُنها اَندَرِ ماهِ، ٻاهَر ڏَڪَ نه پَڌِرا؛
ويڌُ ڪَرِيندو داٺهَر، پَسانِ سي وادِ ورِيا

— ۵۰ —

ڪَڏهِينِ ٻيري ٻورَ، ڪَڏهِينِ ٿُلُ نه هڪَڙو؛
ڪَڏهِينِ پِرِيانِ جا پُورَ، ڪَڏهِينِ سِڪانِ سَڏَ کي

— ۵۱ —

سُوئِيڙيان سَنِهڙو، جَتَنُ ڪِيوءِ نه تيئنوَ؛
توڪي اَڪَڙِيُنِ مِ پِرِينِ پيئنِدو ڪيئنوَ

— ۵۲ —

روزِ مَحشَرِ ڏِينهڙي، سَتَرِ سِڄَ تَپَنِ؛
سَيوئِي جَرِ پاڻيانِ، جي مُون پِرِينِ مِڙَنِ

— ۵۳ —

جي تُهِ لائِي رَبِ مَيِ، تو چِينُ لِڪَنُ لاهِ؛
زَهَرُ هَلاهَلُ هَٿَ ڪَرِ، ڪارَڻِ پِرِيانِ ڪاءِ

— ۵۴ —

توڙي هوءِ نه وَسهونِ، مَئِنِ سَهَسينِ مارُهينِ؛
اَکِينِ ڪِينِ مَتاعَ، جِتي هوئِنِ مانِ پِرِينِ

— ۵۵ —

نِڪو تيڏو ئِي وَهي، جيڏو مُهَ مِهَراڻَ؛
ڏيهَ سَيوئِي هِڪَڙو، ڏيرِ لَڏو سِينِ پاڻَ

— ۵۶ —

پاڙي ءِ مِ ٻَڙُ هيڪَڙو، سو مُوتَ گهٽو سُهاءِ؛
ٿارِ وِلاسي سَڄَڻانِ، چُڙِي پيي وٽراءِ

— ۵۷ —

ماو مُصَلّي وِيرُ، هاٽي ويئي وِساريونَ؛
عِيدَ ڪَرِيندو ڪيرُ، ماڪي سَڄَڻُ گَڏِيو

— ۵۸ —

جيئن ڦقر ماهه ۾، ايئن روزا عيد نماز؛
اڃا آهي ڪاءِ ٻي، الله ڏي حاجَ

— ۵۹ —

پتو ڦِٽو پيٽَ ۾ وِڏي، مُلان ماهُ؛
ڏوئين ڏِٺي ڏوزخ ۾، الله اوري آءُ

— ۶۰ —

قاضي ڪٿِ مَر ايترو، مَتِ ڪيروئي پيرُ؛
ٻلا ٽِيند وٺو تِلي مٿي ڪيندو ڪيرُ

— ۶۱ —

سکڻ مڪي اُنکي، مُلان ڪَٿي ڪين؛
پيچ ڪڏهين پيي تن کي، هوجي رب گهرن

— ۶۲ —

ڏِنئين ٻاٽ وَڪاڻ ڪُون، جيب تُهنجي واتِ؛
وَڏي خالق نه گهرئين، ڪرين ٻاڙي تاتِ

— ۶۳ —

تَئن پڇي اساڻ، تُون اَسين نهين پڇيو؛
پڙهڻ هار قرآن، نهين رتو رحمانَ ساڻ

— ۶۴ —

عِلَتَ وَجيئيس نا، عادت ڪڏهن نه جاءِ
اُٺ ڪَٽڪه چڏيءِ، چرڻ جواسا ڪاءِ

— ۶۵ —

جن مَحبت مَن ۾، تي مُلي ٿي سوين؛
تَن ۾ ٻلئه مشعلان، سه سدا سبرين

— ۶۶ —

سچي سائين ساڻ، تون مر ڪر ڪوڙي ڪوڙيان؛
جي تو منجهه هيانو، وسيو ڪليءِ پر ڪٿو

— ۶۷ —

پٽان هندو سگهيو، پپيهو آيو؛
لکي لوڪ نه سگهيو، اسان ڳالهايو

— ۶۸ —

جتي سچ سنسار سان، سڄا سائين ساڻ هوءِ؛
تو پڌر رهي بيڙا تري، جنتان نير نه ڪوءِ

— ۶۹ —

سچ پيارا سائينيان، سائينءَ سچ سهاءِ؛
سچي منگل نه ڏهئه، سچي سرپ نه ڪاءِ؛
سچ سمندان سرچڙهي، ڪوڙ ڪڪائين ٻلهِ؛
جڏهون، ڪڏهون ڪوڙ کي، ڏيندو سچ سزاءِ

— ۷۰ —

نه ڪاءِ پاڻي منجهه، ٻاپيها ٻڌي مو ئا؛
جي تو پوي سمنجهه، تان تون ڪيرو نه ٿيوين

— ۷۱ —

تان تان سورا سپ ڪوءِ، جان جان مهر نمڙن؛
رُڪ وهندي سامهين، سوري سي جاوَنِ

— ۷۲ —

جي مُون ڏيسين لک ڏڙ، ڏڙ ڏڙ لک سِران؛
سِر سِر لک مُهان ٿيئن، مُهِ مُهِ لک جيان؛
سڀي جيان تِکيان، هِڪڙيان ٻوان؛
صِفتِ تُهنجي راجيا، تو هون ڪيئن ڪران؛

— ۷۳ —

جهِڙي پائي هَٿڙي، تهڙي پاڻ پرين؛
ٻَهڻ مُحبا چڏيو، تون نه چڏِ ڏَٽي

— ۷۴ —

ڏيهه لتا سنجهائي، اڳون آئي راتِ؛
ڪڙا ٻڪاري ٻاتڙي، بيڙا ڪيرَ واتِ

— ۷۵ —

هن ۾ آءٌ وندا وڃ ٿو، سيٽان وين مرڪ؛
پيهي منجهه ڪٽون ڪري، تو ڪو ٿئي مون هٿ

— ۷۶ —

سڄي تني جباب چيئي، سو سچڻ ڪِٿ گئي؛
جتي بال سريرم، تنتي چڻ پئي

— ۷۷ —

پيڙان سيي ڏهيليان، ايهي پيڙ نه ڪاءِ؛
جيئن وڃڻ واچو ٿئي چاٽئه هِڪ خداءِ

— ۷۸ —

پئن ڪون ڪيا روئئي، ڏڪ ابني ڪون رؤ؛
بندِ سنبل ٿي ساختي، اِٿ نه رهسي ڪو

— ۷۹ —

سُتو ڪي هئه ساءِ، تو مٿي ڪير گُرڙي؛
وهڻ تِنثائين ڪاءِ جتي تهنجو تڪيو

— ۸۰ —

سُنرُ سڄي راتِ، مُهُ ڍڪي مُئن جيئن؛
نه تو سنبل تاتِ، نه جهوهِي تو آهِ ڪا

— ۸۱ —

جان جان ڪنڏي ڪاءِ، تان تون تُرهي تاتِ ڪر؛
ڪبر سندي داهه، مَتِ اُوچتي الهه

— ۸۲ —

جي تُل تُنو تلهڙي، ساير منجهه ٿِيانهه؛
ڪريانهان پاٽچيان، مڪرسنڌ بيانهه

— ۸۳ —

سنجهي سبي تلهڙا غافل چو نه وِدوءِ؛
جڏهون لهرين گم ٿئي، تڏهون سنپاريوءِ

— ۸۴ —

جان تون تارويا ڻ تان پيي پڇ تِلگان ڪل؛
تو تون گهٽا سچاڻ، وڃي ڪبر آهلي،

— ۸۵ —

اُپائي چيئون جي، سو نه ڪيائين ڪنِ؛
تان ٿئي پيئي پريانِ سان، گهگهرِ گهاٽوڙنِ

— ۸۶ —

جُنگيئون جو ڪيئون جتِ، پوهِٿ پاتار اٿينِ؛
مهر تهنجي تَتِ، مُڪريان پيي پارِ پَونِ

— ۸۷ —

پڪڙيان ڊِڃنهِ، پُويلون ٿئي نه لهي؛
جتي ساٿ سنڌُءِ، اڄي سه لڪن لنگهيو

— ۸۸ —

وڃ بادل ۽ واءُ، ڍڄ نه لهرين لڳيو؛
سنڌه سونهان جان ۽، بيڙي پُڏ ناهه پو

— ۸۹ —

سُتو هُتو جاڳ، ه اِتڙي سبڻه وهاٽيان؛
مٿِئن تِيوءِ پاڳ، پِرين وسارڻ مَ ڪرِ

— ۹۰ —

پرين وساري هُت روئن، ڪُبڏي ري ڪارڻ؛
ڪنچنِ راسِ وِچاءِ ڪي، پُڪئن ڊوڙِ پَونِ

— ۹۱ —

ڏرِجيون ڏنس سهنِ، گِروائي پربت جيون؛
سيئي سيڻ ڪِجنِ، آئيءُ واءُ نه ڏو ولسنِ

— ۹۲ —

سڄڻ ڏرِجڻ ڏءِ ڪهي، جت نه ڪيجيُ پنگ؛
لوئي تيئيءُ پارچي، لاڪ نه چڏي ه تنگ

— ۹۳ —

منجهين ماٺو ناهِ ڪي، پسڻ ڪي گهاتِي؛
ڏني ڪسرنيي رنگ جيون، ويندو ٿِي واتِي

— ۹۴ —

مئن پاڻي سون، هي جر پوس جرِ ڪون؛
وِيئن ورائي ون، ڪه لڳي ڪاروتيو.

— ٩٥ —

پُلِي دي پُلِي، پُلِي تِڳائُون آئي؛
بابا آدمُ، اَتي حوا پُلِي، سَڀُ دُنيائي

— ٩٦ —

پورهي پُڳي جَتِ (جاتِ)، ماڻِڪَ اَساري پيو؛
ڪوهه نه ڏُونڊي تَتِ تون بِي اُڱهيو هَٿ ڪَرِ

— ٩٧ —

پوري پُڳي جاوَ، ماڻِڪُ اَساري پيو؛
سُري صَرافين آوَ، (تون) بِي اِنگهيو هَٿ ڪَرِ

— ٩٨ —

هَٿِ وِيا جَهڻُ لوڪُ، ڪَستوري جُهنگِئُن گهري
سَچان دي صابُوٽ، اَندُ اَچانهَ ڪَري

— ٩٩ —

مُبان مَحلان مَنديان، اَچِليانِ چِلِن؛
هَتُون گِنِن پِڪري، جَهنگِئُن اُتَ مَگِنِ

— ١٠٠ —

هَرهَر فَالَ ڪريندِيان، رَذي گَئي وِهاءِ؛
وَجِي پو(ءِ) چوسانُونَ سُتِيان، لاوِي لَڳِنِ آءِ

— ١٠١ —

توبَهَ ڪري نه، باهُڙي، باهُڙي توبَهَ ڪَرِنِ؛
ڪيهي سادي هَٿ ۾، رَذي اُجاڙِنِ

— ١٠٢ —

جي سائِن سون سَچُ، تو پُوڪُوڙا سَتَڙي،
اُپاٽي ڪِرنچُ، توڙي اَگرتا بَلَئِ

— ١٠٣ —

باٽي واٽي رَنگ ۾ باٽو واٽُ رَتاسِ؛
رَنگينده وِياٽُ ڏٽي، سَيي رَنگ سَنداسِ

— ١٠٤ —

اَنان ئي پَنا ڪَرين، پَنا اَنَّ مَنجهانوَ؛
راڄُ تُهِنجو راڄِيا، بِيا راوَ ئي راوَ.

— ١٠٥ —

ڪُرسي ڪُوپَل نِيپَجيءَ، تاڙي بَنَ داهي؛
عَقُل غيب الله دا، الله اَيِ آهي

— ١٠٦ —

توڙي وَڃِنِ رومَ، نانهِ نصيبونَ اَڳِرو؛
ماني وَتَنِ تومَ، جي لِکيا چِپَنِ مَ

— ١٠٧ —

توڙي نه ڏِيئِنِ، توءِ، توجِ تُهِنجو آسِرو؛
تُو دَرُ جِڏانِ ڪِيئُن، اِيِ وَڏا راجِيا

— ١٠٨ —

آهر الاهر، ڪوءِ مَ لاهيو ڪَڏِ هِين؛
وِيا ڪاجَ هَتانوَ، وَڏِ آئِيندُو وَڏو ڏٽي

— ١٠٩ —

تُونَ آڌارُ سَنڌارُ تُونَ، تُونَ آڌائُونَ آڌَ؛
تُونَ ئي اَکِڙِينُ مُون، تُونَ ئي اَندرِ هَڏَ؛
گُل لَڳِي ڳالِهه چوانَ، ڪِيهي حاجَتَ سَڏَ

— ١١٠ —

سِپچاٽانَ اَتي سِينهِنَ، ڏُوڻِنِ وَسِنِ جَهنگَ ۾؛
سو ڳُڙُ ڪاوَنِ ڪِيئن، ماسُ جِنهِنَ کو لِکيو

— ١١١ —

جي جي بولي مَئِن ڪِيئي، سو سو مُجهه نه ٿِيان،
اُسِ چِنگِي ديوان مَئِن، سَپِي مُڪِرِ گيان

— ١١٢ —

پَڳا سا جانه ٿِئي، مَنُ موتا هَل ڪيچُ؛
ڪَنِين سُٽا نه مَنِئي اَکِ ڏِٺو سَچُ

نومبر ۱۹۷۸

شخصيت

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

قاضي قادن جو ناياب ڪلام

قاضي قادن جي ڪلام جو نئون ناياب ذخيرو هندستان جي صوبي هريانا جي هڪ ڳوٺ ۾ ڀڳتن جي مڙهي يا مٺ مان قلمي صورت ۾ مليو آهي جنهن کي تازو دهلي جي هڪ لائق سنڌي اديب هيري ٺڪر سوڊي سنواري 'قاضي قادن جو ڪلام' جي عنوان سان ڪتابي صورت ۾ ڇپايو آهي. هيءُ ڪتاب سنڌي ٻولي جي ناميارې محقق ڀائي جيرامداس دولت رام مهرباني ڪري مون ڏي موڪليو آهي، جنهن تي اميد ته هڪ تفصيلي تبصرو عنقريب لکيو ويندو. مگر قاضي قادن جي ناياب ۽ قيمتي ڪلام ۽ هن شايع ٿيل ڪتاب جي اهميت جي مدنظر ضروري ڄاتم ته في الحال ان جو عام تعارف ڪرايو وڃي.

سڀ کان اول هي ڳالهه ته پنجن سون ورهين گذرڻ بعد قاضي قادن جي وڏيڪ ڪلام جو دستياب ٿيڻ سنڌي ادب ۽ ادب جي تاريخ لاءِ هڪ نهايت نيڪ فال آهي. هن کان اڳ، اسان وٽ قاضي قادن جا فقط ست اٺ بيت هئا جيڪي حضرت شاهه عبدالڪريم پنهنجين نصيحت ڀرين مجلسن ۾ قاضي قادن جي نالي سان پڙهيا. اهي بيت ميين شاهه ڪريم جي ملفوظات 'بيان العارفين' توڙي شاهه جي رسالي ۾ شامل ڪلام جي ذخيري ۾ موجود آهن.

مرحوم ڊاڪٽر داؤدپوٽي جڏهن کان 'شاهه ڪريم بلڙي واري جو ڪلام' نهايت تحقيق سان شايع ڪيو. تڏهن کان وٺي قاضي قادن جي نالي وارا اهي بيت تصحيح ۽ تحقيق سان اسان جي آڏو آيا. 'بيان العارفين' توڙي 'شاهه جي رسالي' ۾ ٻيا نالي ٻيا ڪي اهڙا بيت به شامل هئا جيڪي قاضي قادن جا ٿي سگهيا ٿي، مگر جيئن ته سندس نالو آيل ڪونه هو انهيءَ ڪري پوري يقين سان چوڻ مشڪل هو ته ڪي اهي قاضي قادن جا آهن.

هاڻي هن نئين ذخيري جي ملڻ ۽ هن ڪتاب جي شايع ٿيڻ سان هڪ سؤ کان وڌيڪ بيت مليا آهن. ڪتاب جي لائق ايڊيٽر هيري ٺڪر جي حساب موجب هڪ سؤ ٻارهن بيت قاضي قادن جا آهن. جنهن محنت ۽ محبت سان قلمي ذخيري مان اهي بيت ڪڍيا آهن، انهن جون پڙهڻيون قائم ڪيون آهن ۽ انهن جون معنائون لکيون آهن، سو هڪ قابل تعريف ڪارنامو آهي جنهن لاءِ هو شڪريي ۽ مبارڪن جو مستحق آهي.

قاضي قادن نه فقط پنهنجي وقت جو وڏو عالم ۽ فقه جو ڄاڻو هو. پر هو هڪ ديندار ۽ پرهيزگار درويش هو. هن نون مليل بيتن

تازو هندستان ۾ قاضي قادن جو ناياب ڪلام ڇپيو آهي، جنهن بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (اسلام آباد)، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي (لاڙڪاڻو) ۽ ڀڳت ڪرتاري لال (ٿر) جا رايا شايع ڪري رهيا آهيون. اميد آهي ته هن سلسلي ۾ وڌيڪ معلومات ملنديون ۽ اهڙي طرح سنڌ جي هڪ قديم شعري ذخيري ۽ تصوف جي صحيفي سان روشناس ٿي، اسان انهن جي ثقافتي ورثي کي محفوظ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿينداسون.

— ايڊيٽر

مان ثابت ٿئي ٿو ته هو سنڌي ٻولي جو پهريون وڏو شاعر هو. سنڌس دلپذير ڪلام جنهن ۾ وڏي هدايت ۽ روشني هئي سو سنڌ ٽوڙي سنڌ کان ٻاهر جتي پهتو اتي مقبول پيو. سنڌ ۾ شاهه ڪريم جهڙي ولي ۽ درويش سنڌس بيتن کي سنڌ ۽ مثالن طور بيان ڪيو. سنڌ کان ٻاهر برهانپور ۾ سنڌي بزرگن قاضي قادن جي بيتن کي مشهور ڪيو ايتري قدر جو ان وقت جي هڪ محقق ۽ مصنف محمد غوثي گجراتي ماندوي پنهنجي تذڪره 'گلزار ابرار'[۹] ۾ قاضي قادن جي مختصر سوانح سان گڏ سنڌس ڇهن بيتن جو فارسي ۾ ترجمو پڻ ڏنو. محمد غوثي سنه ۹۹۴ هه (۱۶۰۲ع) تائين برهانپور ۾ رهيو ۽ پڻ اتي جي سنڌي عالم ۽ حڪيم جناب عثمان پٽ شيخ عيسيٰ سنڌي وٽ رياضي علمن جو مطالعو ڪيائين. انهيءَ لحاظ سان چئبو ته جڏهن ميين شاهه ڪريم سنڌ ۾ قاضي قادن جا بيت مثالن طور پئي پڙهيا تڏهن ان ساڳئي دور ۾ برهانپور جي بزرگن وٽ قاضي قادن جا بيت مشهور ۽ مقبول هئا.

هن ساڳئي دور ۾ سنڌ سان لاڳو راجستان واري علائقي ۾ هڪ ڀڳت دادو ديال (۱۵۴۴ - ۱۶۰۳ع) ساماڻو جنهن تي قاضي قادن جي ڪلام جو وڏو اثر پيو. دادو ديال گهڻا دوها قاضي قادن جي بيتن کان متاثر ٿي چيا. دادو ديال ۽ سنڌس پوئلڳ ڀڳتن ذريعي قاضي قادن جو ڪلام راجستان، گجرات ۽ پنجاب تائين مشهور ٿيو. ان جي وڏي ثابتي اها آهي جو هن وقت جيڪو قاضي قادن جو ڪلام مليو آهي، سو هڪ وڏي قلمي مجموعي ۾ هو جيڪو دادو ديال جي پوئلڳ ڀڳت هريداس (يا سنڌس ڪنهن چيلي؟) گڏ ڪرايو ۽ لکرايو. ڀڳت هريداس سنه ۱۷۲۳ع ۾ موجوده صوبي هريانا ۾ واقع ڳوٺ راٿيلا ۾ پنهنجو هڪ 'مٺ' (اوتارو) قائم ڪيو، ۽ مشهور درويشن ۽ ڀڳتن جو ڪلام (جيڪي ملڪ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ ٿي گذريا) گڏ ڪرائي هڪ وڏي پستڪ ۾ لکائي پنهنجي 'مٺ'[۹] ۾ محفوظ ڪيو. انهيءَ پستڪ مان ئي هاڻي اسان کي قاضي قادن جي ڪلام جو ناياب ذخيرو هيري ٺڪر جي محنت ۽ سنت جيرامداس جي آڌر ۽ ڀين جي آسيس سان حاصل ٿيو آهي.

قاضي قاضن يا قاضي قادن؟

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

قاضي قاضن سنڌي زبان جو قديم ترين شاعر آهي. اسان کي ان جا ست بيت، شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي ملفوظات 'بيان العارفين' مان مليا آهن. سنڌي زبان جا اهي ئي قديم ترين بيت آهن، جيڪي هڪ مستندماخذ ذريعي ميسر ٿيا آهن. هي بيت فني، فڪري، معنوي ۽ لساني نقطهءِ نگاهه کان نهايت پختا ۽ معياري آهن، ۽ سنڌي ادب جي عمارت ۾ بنيادي پٿر جي حيثيت رکن ٿا. هن مان معلوم ٿئي ٿو، ته سمن جي دور ۾ سنڌي زبان معياري ۽ علمي زبان هئي، ۽ اعليٰ ادب تخليق ٿي رهيو هو.

تازو اخبارن ذريعي معلوم ٿيو هو، ته ڀرت ۾ ڪڇ جي ٻاسي هڪ قلمي نسخو مليو آهي، جنهن ۾ قاضي قاضن جا ۱۱۲ بيت آهن. اهي بيت هينئر هندستان ۾ ڪتابي صورت ۾ ڇپيا آهن. بيتن جو مرتب هري ٺڪر آهي، ۽ ان جو مهاڳ، مشهور سياستدان ۽ اديب جيرامداس دولترام لکيو آهي. ان ۾ رام پنجواڻيءَ جا ٻه اکر به شامل آهن. اهي ۱۱۲ بيت واقعي قاضي قاضن جا آهن يا نه، ان تي بعد ۾ تفصيل سان لکيو ويندو. في الحال هت قاضي قاضن جي نالي بابت بحث ڪجي ٿو، ڇاڪاڻ جو هن ڪتاب ۾ 'قاضي قاضن' کي 'قاضي قادن'[۹] ڪري لکيو ويو آهي. مرتب، محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي پوئلڳي ڪندي 'قاضي قادن'[۹] لکيو

آهي. محترم ڊاڪٽر بلوچ صاحب اڳين سڀني ليکڪن جي ابتڙ پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ' (ص ۱۳۱ ۽ ۱۳۳) ۾ قاضي قاضن کي 'قاضي قادن' ڪري لکيو آهي. ان لاءِ محترم ڊاڪٽر صاحب نه ڪو دليل ڏنو آهي، ۽ نه ڪا سند ڏي پيش ڪئي اٿس. معلوم ٿئي ٿو ته محترم ڊاڪٽر صاحب ائين سمجهيو آهي، ته قاضي صاحب جو اصل نالو قادربخش يا عبدالقادر هوندو، جنهن کي بگيڙي 'قادن' بنايو ويو، ۽ قاضي صاحب ان نالي سان مشهور ٿي ويو. اسان وٽ اهڙي نموني نالن کي بگيڙڻ جو رواج موجود آهي، پر اها ڳالهه عام ماڻهن جي نالن تائين محدود آهي. عالمن ۽ فاضلن جي نالن کي اهڙي نموني بگيڙڻ جو رواج نظر نه ٿو اچي. انهن کي اڪثر نالي سان سڏڻ انهن جي توهين سمجهي ويندي آهي.

محترم بلوچ صاحب انهيءَ خيال کان به 'قادن' لکيو ٿو ڀانئجي جو لغت ۾ 'قاضن' لفظ موجود ڪونهي. حقيقت اها آهي ته 'قاضن' جي نالي سان ننڍي کنڊ هندستان پاڪستان ۾ پيا به ڪجهه عالم ۽ صوفي بزرگ ٿي گذريا آهن. ماثرالامراء

بيان العارفين فارسي جي قلمي نسخن ۾ 'قاضي قاضن' يا 'قاضي قاذن' آيو آهي. يعني ڪن نسخن ۾ قاضن' کي ض جي بدران ذ سان لکيو ويو آهي (۲).

بيان العارفين فارسي جو بعد ۾ الف اشباع جي نظم ۾ سنڌي ترجمو ٿيو. انهيءَ سنڌي ترجمي جو قلمي نسخو، سنڌي ادبي بورڊ جي لائبرريءَ ۾ موجود آهي، ان ۾ به 'قاضي قاضن' ڄاڻايو ويو آهي (۳). اهو سنڌي ترجمو ٿوري اختصار سان اشاعت هيٺ آيو. اهو ڪتاب مخدوم عبدالصمد ولد حاجي محمد مقيم، مخدوم نورنگ زاده ڪتب فروش مرحوم ٺٽوي، مرغوب هر ديار پريس بمبئي مان سنه ۱۲۹۳ھ (۱۸۷۶ع) ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. ان ۾ 'قاضي قاذن' آندو ويو آهي. (۴) انهيءَ بمبئيءَ واري ڇاپي کي هريسنگ ڪتب فروش سکر سنه ۱۹۰۹ع ۾ اسلامي پريس لاهور مان ڇپايو. ان ۾ 'قاضي قاض' آيو آهي. (۵) ڀانئجي ٿو، ڪاتب 'قاضن' کي بگيڙي 'قاض' ڪري لکيو آهي.

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ بيان العارفين جي بنياد تي 'رسالهء ڪريمي' مرتب ڪري سنه ۱۹۰۴ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. ان ۾ 'قاض' کي ذ سان 'قاذن' ڪري لکيو آهي. (۶) سنه ۱۹۳۷ع ۾ علامه ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جو ڪتاب 'شاهه ڪريم بلڙي واري جو ڪلام' شايع ٿيو. ان ۾ علامه مرحوم هڪ هنڌ 'قاضن' لکيو آهي. (۷)

ٻي هنڌ لکيو آهي: قاضي قاضن يا قاذن. (۸) سنڌ جي تاريخي ڪتابن مان سڀ کان پهريائين تاريخ معصومي ۾ قاضي قاضن جو احوال تفصيل سان آيو آهي. ان ۾ به 'قاضن' ڄاڻايو ويو آهي. (۹)

سنڌ کان ٻاهر لکيل بزرگن جي هڪ اهم تذڪري 'گلزار ابرار' ۾ به قاضي قاضن جو احوال آيو آهي. هي تذڪرو جهانگير جي زماني ۾ محمد غوثي شطاري ماندوي سنه ۱۰۱۴ھ ۽ ۱۰۲۶ھ جي درميان لکيو. ان ۾ قاضي قاضن کان سواءِ ٻين ڪن سنڌ جي بزرگن جو احوال به آيو آهي، جهڙوڪ: مخدوم بلال، مخدوم عربي ديانه وغيره. ان تذڪري جو اردو ترجمو فضل احمد جيوري ڪيو ۽ اذڪار ابرار اردو ترجمه گلزار ابرار جي نالي سان سنه ۱۳۲۶ھ (۱۹۰۸ع) ۾ مطبع مفيد عام آگره ۾ ڇپيو. تازو اهو اردو ترجمو ٻيهر فوٽو پرنٽ

---

(۱) ۾ هڪ صوفي بزرگ شيخ قاضن بنگالي جو نالو آيو آهي جيڪو شيخ عبدالله شطاري جو مريد هو.

(۱) ماثرالامراء، جلد دوم، اردو ترجمه: محمد ايوب قادري، مرڪزي اردو بورڊ لاهور، ص ۵۸۱.

(۲) ڏسو لائبريري پير جهنڊي وارو بيان العارفين فارسي (قلمي) ورق ۴۲. (۳) ڏسو ورق ۱۵۹

(۴) ڏسو ص ۲۷۲. (۵) ڏسو ص ۲۲۷.

(۶) ڏسو ص ۱۶۵، ۷۱ ۽ ۸۷

(۷) ڏسو ٻيو ڇاپو (۱۹۷۷ع) ڇپايل: شاهه لطيف ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه، ص ۱۲۹.

(۸) ايضاً، ص ۱۳۸.

جي ذريعي اسلامڪ بوڪ فائونڊيشن
لاهور جي طرفان ڇپيو آهي. ان
۾ 'قاضي قاضن' ڏيکاريو ويو
آهي. (۱۰) معلوم ٿئي ٿو ته
'گلزار ابرار' جي مصنف قاضي
قاضن جو احوال بيان العارفين
فارسي تان ورتو آهي، ڇاڪاڻ
جو هن قاضي قاضن جي ڪن
سنڌي بيتن جو مفهوم پنهنجن
لفظن ۾ ڏنو آهي. بيان العارفين
فارسي جي مرتب پنهنجي تاليف
۾ شاهه ڪريم ۽ قاضي قاضن
جي سنڌي بيتن جي هيٺان انهن
جو پارسي ترجمو به ڏنو آهي.
گلزار ابرار ۾ ٽن بيتن جو مفهوم
ڏنل آهي، جيڪو هن طرح
آهي:

(۲) سڀني زبانن ۾ 'لا' ڪلمي
سان تنهنجي نفي ڪئي وئي
آهي، ۽ تون اڃا تائين پنهنجي
اثبات جي پويان آهين. 'لا'
ڪنهن جي نفي ڪري ٿي؟
جڏهن ته ذات مطلق کان سواءِ
ٻي ڪنهن جو حقيقي وجود ئي
ڪونهي. (۱۲) هي مفهوم هن
بيت جو معلوم ٿئي ٿو:

'لا' لاهيندي ڪن ڪئي، 'لا'
مورهين ناهه؛
بلا ري ٻريان، ڪٿ نه ڏسي
ڪي ٻئو.

(۳) اسان جنهن جا مشتاق
آهيون، جيڪڏهن غور سان ڏٺو
وڃي، ته اهو اسان ئي آهيون. (۱۳)
هي شاهه ڪريم جي بيت جو
ترجمو معلوم ٿئي ٿو، جيڪو
هن طرح آهي:

اسين سڪهون جن کي، سي
تا اسين پاڻ؛
هاڻي وڃ گمان، صحيح سڃاتا
سپرين.

هن سڄي بحث مان معلوم
ٿيندو ته ڪنهن به بنيادي
ماخذ، تاريخي ڪتاب ۽ تذڪري
۾ 'قادن' آيل ڪونهي. البته
'قاذن' آيل آهي، جيڪو اصل
۾ 'قاضن' ئي آهي، پر ڪن
ڪاتبن 'ض' بدران 'ذ' آندو
آهي. انهن حقيقتن جي روشني ۾
۾ مون پنهنجي ڪتاب 'ڪريم
جو ڪلام' ڇپايل ۱۹۶۳ع ۽
ٻئون ڇاپو ڇپايل ۱۹۷۶ع ۾ ٻي-

(۱) فرمايائين، ته ڪنز
قدوري پڙهڻ کان پوءِ معرفت
جي سبق جو ذرو به منهنجي
دماغ ۾ نه آيو. انهن علمن کان پري
رهڻ کان پوءِ معرفت جي منزل
حاصل ٿي. (۱۱)

اصل بيت هن طرح آهي:

ڪنز قدوري ڪافيا، ڪ
ڪين پڙهوم؛
سو پار ٻئي پئو ڪو، جتان
پري الڏوم.

(۹) سنڌي ترجمو ڇپايل سنڌي ادبي بورڊ، ص ۲۳۸.

(۱۰) اردو ترجمہ گلزار ابرار، اسلامڪ بوڪ فائونڊيشن لاهور ص ۲۷۵.

(۱۱) اردو ترجمہ گلزار ابرار، ص ۲۷۵.

(۱۲) ۽ (۱۳) ايضاً.

قاضي قاذن يا ميان مير جو ڪلام

ڀڳت گرداري لال

هلال پاڪستان جي ۱۰-
آڪٽوبر واري پرچي ۾ سنڌ جي
برڪ عالم ڊاڪٽر نبي بخش
صاحب بلوچ جو خط نظر مان
گذريو جنهن ۾ سنڌ جي مشهور
قاضي القضات مرحوم قاضي قاذن
يا قاضي قادن جي ڪلام بابت
وضاحت ڪئي وئي آهي ته
تازو انڊيا ۾ سندس ڪلام
هٿ آيو آهي وغيره. اهو ڪلام
درحقيقت قاضي قاذن جو نه پر
سندس پاڙيچي ميان مير سنڌي
جو سڄڻ ڪيپي جنهن جي مزار
لاهور ۾ آهي ۽ دارا شڪوه
سندس مريد هو.

آءٌ پاڻ انڊيا ۾ آهي پڪ
۽ انهن جا نڪاتا پتي آيو
آهيان، جن جي ويڙهن مان
اهو ڪلام هٿ ڪري اسان
جي پاڻ هيري فڪر ڇپايو آهي.
ڀڳت هريداس جنهن جو ذڪر
انهي ۾ خط ۾ ملي ٿو، سو
منهنجو گرو هو. آءٌ ڪيترو
وقت ساڻس گڏ رهي چڪو
هوس. ان جو نڪاتو جنهن
گوٺ راٺيلا ۾ پڙهايو ويو آهي،
اتي اڃا به منهنجا مائٽ رهن
ٿا جن کان ٻڌ هن بابت پڇي
پڪ ڪري سگهجي ٿي.

اهو ڪلام جيڪو قاضي
قاذن جي نالي ڄاڻايو وڃي ٿو
سو ميان مير جي نالي سان ڳين

ايچ-ڊي جي مقالي (ٿيسز) 'بيان العارفين سنڌي ترتيب، مقدمه حاشي ۽ اپٽار' ۾ قاضي قاضن ڄاڻايو آهي.

ڀانئجي ٿو ته لفظ 'قاضي' ۾ 'ي' جي بدران 'ن' اچڻ ڪري 'قاضن' نالو بنايو ويو آهي. سنڌي نالن ۾ اهڙا مثال نظر اچي ٿا، جهڙوڪ: 'جمع' کي 'جمن' ۽ 'حاجي' کي 'حاجن' بنايو ويو آهي. اسان وٽ محمد جمن ۽ محمد حاجن جا نالا هيئر به موجود آهن. محمد جمن هالو سنڌي شاعر ٿي گذريو آهي. ڊاڪٽر محمد حاجن پروفيسر آهي. ان مان معلوم ٿيندو، ته قاضي قاضن ئي صحيح آهي ۽ نه 'قاضي قادن'.

ويڙهين ۾ موجود آهي جن تان اتاري ڇپرايو ويو آهي. وڏي ڳالهه ته جن ڀڳتن جا چيلا جهڙوڪ: ڀائي ايڇي داس، ڀائي گرداس، ڀائي جيون مل ۽ ٻيا جيڪي اهو ڪلام هرهنڌ ڳائيندا رهن ٿا سي به انڊيا ۾ موجود آهن جن جون انٽرويون هٿ ڪري ڏني سگهجن ٿيون.

ميان مير سنڌي توڙي هندي ٻوليءَ ۾ ڪافي ڪلام چيو آهي جنهن کي پڙهندي ائين ٿو ڀانئجي ته هن وقت هتي سنڌ ۾ قاضي قاذن جا جيڪي چند بيت ملن ٿا اهي به ميان مير سنڌي جا آهن، پر ڇاڪاڻ ته هو قاضي قاذن کان ملڪي مسئلن جي اختلافن ڪري وڙجي پنجاب هليو ويو هو ان ڪري خود قاضي قاذن اهي بيت پنهنجي نالي مشهور ڪري ڇڏيا ۽ اڄا سوڌو ميان مير جو ڪلام قاضي قاذن ڏانهن منسوب ڪيو وڃي ٿو سا ڳالهه وڌيڪ تحقيق طلب آهي.

اسان هندستان جي سنڌي اديبن عالمن توڙي سنڌ جي بزرگ عالم اديب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جا نهايت ٿورائتا آهيون جن صاحبن اهو ڪلام هٿ ڪري ڇپرايو ۽ ان تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو آهي. ليڪن اها ڪيڏي نه بي انصافي ٿيندي جو ڪلام هڪڙي بزرگ جو ۽ نالي ڪنهن ٻئي ماڻهو جي ڄاڻايو وڃي؟

ميان مير چندوديا ٿي ڪيئي بيت، دوها، سورٺ ۽ ڪيتريون وايون لکيون آهن جن کي انڊيا جا ڀڳت سنڌس ئي نالي سان ڳائيندا رهن ٿا.

آءٌ پنهنجي خط جي ثابتي ۾ اهي سموريون حقيقتون هند سنڌ مان هٿ ڪري آڏو آڻي سگهان ٿو ته اهو ڪلام قاضي قاذن جو نه پر ميان مير سنڌيءَ جو آهي. ٻه چار سال ٿيندا ته مون کي ميان مير جي درگاه تي هڪڙو فقير مليو جيڪو بلوچستان جي مشهور پير رڪيل شاه جو مريد هيو. ان هڪڙي وائي پڙهائي جا تمام سوز واري هئي. مون جڏهن کانئس ان وائي بابت پڇيو ته هن ورائيو ته اها وائي نه سگر ڪافي آهي جا مير سنڌي دارا شڪوه جي مجلس ۾ ڳائي هئي. مون کي اها ڪافي اجمير شريف جي درگاهه تان هڪ هندو ڀڳت وٽان هٿ آئي آهي.

خط تمام ڊگهو ٿيندو پيو وڃي تنهنڪري وڌيڪ ڪنهن ٻئي مضمون ۾ پيش ڪيو ويندو. في الحال ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو ته انڊيا ۾ هٿ آيل يا سنڌ ۾ مشهور ڪلام جيڪو قاضي قاذن ڏانهن منسوب ڪيو ٿو وڃي اهو دراصل ميان مير سنڌي جو ڪلام آهي تنهنڪري ڪا به غلط فهمي نه رهڻ گهرجي.

*****

محنت

* محنتي الله جو دوست آهي.

* محنت انسان کي عظيم بڻائي ٿي ۽ ترقيءَ ۽ ڪامرانيءَ جون راهون هموار ٿي ڪري.

* اچو ته اسين به اڻٿڪ محنت سان پنهنجي صنعت ۽ حرفت ۽ واپار کي فروغ ڏيون ۽ ملڪ ۽ قوم کي خوشگوار مستقبل سان همڪنار ڪريون.

قاضي قاذن يا ميان مير جو ڪلام

ڀڳت گرداري لال

هلال پاڪستان جي ١٠- آڪٽوبر واري پرچي ۾ سنڌ جي ٻرڪ عالم ڊاڪٽر نبي بخش صاحب بلوچ جو خط نظر مان گذريو جنهن ۾ سنڌ جي مشهور قاضي القضات مرحوم قاضي قاذن يا قاضي قادن جي ڪلام بابت وضاحت ڪئي ويئي آهي ته تازو انڊيا ۾ سندس ڪلام هٿ آيو آهي وغيره. اهو ڪلام درحقيقت قاضي قاذن جو نه پر سندس ڀاڻيجي ميان مير سنڌي جو سڄڻ ڪيپي جنهن جي مزار لاهور ۾ آهي ۽ دارا شڪوه سندس مريد هو.

آءٌ پاڻ انڊيا ۾ اهي ڀڳت ۽ انهن جا ٽڪاڻا ڏسي آيو آهيان، جن جي ويڙهين مان اهو ڪلام هٿ ڪري اسان جي ڀاءُ هيري ٺڪر ڇپايو آهي. ڀڳت هريداس جنهن جو ذڪر انهيءَ خط ۾ ملي ٿو، سو منهنجو گرو هو. آءٌ ڪيترو وقت سائس گڏ رهي چڪو هوس. ان جو ٽڪاڻو جنهن ڳوٺ راڻيلا ۾ ٺهرايو ويو آهي، اتي اڃا به منهنجا مائٽ رهن ٿا جن ڪان پڻ هن بابت پڇي پڪ ڪري سگهجي ٿي.

اهو ڪلام جيڪو قاضي قاذن جي نالي ڄاڻايو وڃي ٿو سو ميان مير جي نالي سا ڳين

پيغام ڪراچي

ٿو ڀانئجي ته هن وقت هتي سنڌ ۾ قاضي قاذن جا جيڪي چند بيت ملن ٿا اهي به ميان مير سنڌي جا آهن، پر ڇاڪاڻ ته هو قاضي قاذن کان ملڪي مسئلن جي اختلافن ڪري ڇڙجي پنجاب هليو ويو هو ان ڪري خود قاضي قاذن اهي بيت پنهنجي نالي مشهور ڪري ڇڏيا ۽ اهڙو ميان مير جو ڪلام قاضي قاذن ڏانهن منسوب ڪيو وڃي ٿو سا ڳالهه وڌيڪ تحقيق طلب آهي.

اسان هندستان جي سنڌي اديبن عالمن توڙي سنڌ جي برک عالم اديب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جا نهايت ٿورائتا آهيون جن صاحبن اهو ڪلام هٿ ڪري ڇپرايو ۽ ان تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو آهي. ليڪن اها ڪيڏي نه بي انصافي ٿيندي جو ڪلام هڪڙي بزرگ جو ۽ نالي ڪنهن ٻئي ماڻهو جي چاڙهيو وڃي؟

ميان مير چنبوديا ته ڪيئي بيت، دوها، سورٺ ۽ ڪيتريون وايون لکيون آهن جن کي انڊيا جا ڀڳت سندس ئي نالي سان ڳائيندا رهن ٿا.

آءٌ پنهنجي خط جي ثابتي ۾ اهي سموريون حقيقتون هند وڏين ۾ موجود آهي جن تان اتاري ڇپرايو ويو آهي. وڏي ڳالهه ته جن ڀڳتن جا چيلا جهڙوڪ: ڀائي ليکي داس، ڀائي گرداس، ڀائي جيون مل ۽ ٻيا جيڪي اهو ڪلام هر هنڌ ڳائيندا رهن ٿا سي به انڊيا ۾ موجود آهن جن جون انٽرويون هٿ ڪري ڏئي سگهجن ٿيون.

ميان مير سنڌي توڙي هندي ٻوليءَ ۾ ڪافي ڪلام چيو آهي جنهن کي پڙهندي اٿين سنڌ مان هٿ ڪري آڏو آڻي سگهان ٿو ته اهو ڪلام قاضي قاذن جو نه پر ميان مير سنڌيءَ جو آهي. ٻه چار سال ٿيندا ته مون کي ميان مير جي درگاهه تي هڪڙو فقير مليو جيڪو بلوچستان جي مشهور پير رکيل شاه جو مريد هيو. ان هڪڙي وائي ٻڌائي جا تمام سوز واري هئي. سو ڄڻ ڪانس ان وائي بابت پڇيو ته هن ورائيو ته اها وائي نه مگر ڪافي آهي جا مير سنڌي دارا شڪوه جي مجلس ۾ ڳائي هئي. مون کي اها ڪافي اجمير شريف جي درگاهه تان هڪ هندو ڀڳت وٽان هٿ آئي آهي.

خط تمام ڊگهو ٿيندو پيو وڃي تنهنڪري وڌيڪ ڪنهن ٻئي مضمون ۾ پيش ڪيو ويندو. في الحال ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو ته انڊيا ۾ هٿ آيل يا سنڌ ۾ مشهور ڪلام جيڪو قاضي قاذن ڏانهن منسوب ڪيو ٿو وڃي اهو دراصل ميان مير سنڌي جو ڪلام آهي تنهنڪري ڪا به غلط فهمي نه رهڻ گهرجي.

*****

ڀڳت گرداري لال

جي ذريعي اسلامڪ بوڪ فائونڊيشن لاهور جي طرفان ڇپيو آهي. ان ۾ ’قاضي قاضن‘ ڏيڪاريو ويو آهي. (١٠) معلوم ٿئي ٿو ته، ’گلزار ابرار‘ جي مصنف قاضي قاضن جو احوال بيان العارفين فارسي تان ورتو آهي، ڇاڪاڻ جو هن قاضي قاضن جي ڪن سنڌي بيتن جو مفهوم پنهنجن لفظن ۾ ڏنو آهي. بيان العارفين فارسي جي مرتب پنهنجي تاليف ۾ شاهه ڪريم ۽ قاضي قاضن جي سنڌي بيتن جي هيٺان انهن جو فارسي ترجمو به ڏنو آهي. گلزار ابرار ۾ ٻن بيتن جو مفهوم ڏنل آهي، جيڪو هن طرح آهي:

(١) فرمايائين، ته ڪنز قدوري پڙهڻ کان پوءِ معرفت جي مهڪ جي ذرو به منهنجي دماغ ۾ نه آيو. انهن علمن کان پري رهڻ کان پوءِ معرفت جي منزل حاصل ٿي. (١١)

اصل بيت هن طرح آهي:

ڪنز قدوري ڪافيا، ڪي
ڪين پڙهيوم؛
سو پار ئي ٻيو ڪو، جتان
پري لڌوم.

(٢) سڀني زبانن ۾ ’لا‘ ڪلمو سان تنهنجي نفي ڪئي وئي آهي، ۽ تون اڃا تائين پنهنجي اثبات جي پويان آهين. ’لا‘ ڪنهن جي نفي ڪري ٿي؟ جڏهن ته ذات مطلق کان سواءِ ٻي ڪنهن جو حقيقي وجود ئي ڪونهي. (١٢) هي مفهوم هن بيت جو معلوم ٿئي ٿو:

’لا‘ لاهيندي ڪن ڪي، ’لا‘
مورهين ناهه؛
بلا ري ٻريان، ڪٿ نه ڏسي
ڪي ٻيو.

(٣) اسان جنهن جا مشتاق آهيون، جيڪڏهن غور سان ڏٺو وڃي، ته اهو اسان ئي آهيون. (١٣) هي شاهه ڪريم جي بيت جو ترجمو معلوم ٿئي ٿو، جيڪو هن طرح آهي:

اسين سڪهون جن کي، سي
تا اسين پاڻ؛
هاڻي وچ گمان، صحيح سڃاڻا
سپرين.

هن سڄي بحث مان معلوم ٿيندو ته ڪنهن به بنيادي ماخذ، تاريخي ڪتاب ۽ تذڪري ۾ ’قادن‘ آيل ڪونهي. البته ’قاذن‘ آيل آهي، جيڪو اصل ۾ ’قاضن‘ ئي آهي، پر ڪن ڪاتبن ’ض‘ بدران ’ذ‘ آندو آهي. انهن حقيقتن جي روشنيءَ ۾ مون پنهنجي ڪتاب ’ڪريم جو ڪلام‘ ڇاپايل ١٩٦٣ع ۽ ٻئون ڇاپو ڇپايل ١٩٧٦ع ۾ ٻي-

---

(٩) سنڌي ترجمو ڇپايل سنڌي ادبي بورڊ، ص ٢٣٨.

(١٠) اردو ترجمه گلزار ابرار، اسلامڪ بوڪ فائونڊيشن لاهور ص ٢٧٥.

(١١) اردو ترجمه گلسار ابرار، ص ٢٧٥.

(١٢) ۽ (١٣) ايضاً.

ڊاڪٽر عبدالمجيد پيغام ص 7

ايڇ.ڊي جي مقالي (ٿيسز) 'بيان العارفين سنڌي ترتيب، مقدمہ، حاشي ۽ اپٽار' ۾ قاضي قاضن ڄاڻايو آهي.

ڀانئجي ٿو تہ لفظ 'قاضي' ۾ 'ي' جي بدران 'ن' آڻي 'قاضن' نالو بڻايو ويو آهي. سنڌي نالن ۾ اهڙا مثال نظر اچي ٿا، جهڙوڪ: 'جمع' کي 'جمن' ۽ 'حاجي' کي 'حاجن' بڻايو ويو آهي. اسان وٽ محمد جمن ۽ محمد حاجن جا نالا هيئر بہ موجود آهن. محمد جمن هالو سنڌي شاعر ٿي گذريو آهي. ڊاڪٽر محمد حاجن پروفيسر آهي.

ان مان معلوم ٿيندو تہ قاضي قاضن ئي صحيح آهي ۽ نہ 'قاضي قادن'.

جنوري ١٩٧٩ع

مضمون/ مقالا

قاضي قاذن يا ميان مير جو ڪلام

محترم خالد صاحب!

اميد ته خوش ۽ خيريت سان هوندا!

’پيغام‘ رسالي (نومبر ١٩٧٨ع) ۾ قاضي قاذن جي ڪلام بابت ڏنل مواد پڙهي هي مضمون تيار ڪري موڪلجي ٿو پسند اچي ته مناسبت سان هيڪاندو يا قسطن ۾ شايع ڪندا. هن باري ۾ اوهان جيڪو ڀرو ورتو آهي تنهن انهيءَ موضوع کي هيڪاري وڌيڪ دلچسپ بڻائي ڇڏيو آهي. مون به انهيءَ ڪري هيءَ محنت ڪئي آهي ته جيئن سڄو مواد هڪڙي هنڌ هٿيڪو ٿي وڃي ۽ ضرورت مهل هن ڪلام کي ڪٿي نه ڪٿي ڪتب آڻڻ جو موقعو ميسر هجي.

ان کان علاوه مون ’اخوان صفا‘ تي به تفصيلي مضمون ترتيب ڏيڻ شروع ڪيو آهي سو به اوهان ڏانهن اماڻيندس. توهان جون ڪيل ڪوششون ’پيغام‘ کي معياري بڻائڻ لاءِ ضروري ۽ ڪافي آهن. خدا ڪري اهي جتن جاري رهن.

نياز مند: نياز همايوني حيدرآباد سنڌ

تازو پارت ۾ قاضي قاذن جي نالي سنڌي ڪلام جو ڪتاب ڇپيو آهي جنهن تي جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو تبصرو هتان جي اخبارن ۾ شايع ٿيو هيو. انهي تبصري تي ٿر جي پڳت گرڌاري لال ٽيڪا ٽپڻي ڪندي لکيو آهي ته اهو ڪلام دراصل قاضي قاذن جو نه بلڪ سندس پاٽيجي (ڪتابي روايت موجب ڏوهٽي) ميان مير سنڌي جو آهي جيڪو قاضي قاذن سان سياسي مسئلن تي اختلاف رکڻ سبب سنڌ ڇڏي پنجاب ڏانهن رسي هليو ويو هو. هن وقت سندس مزار لاهور جي شهر ۾ موجود آهي. اهي ٻئي مضمون ’پيغام‘ رسالي جي نومبر ١٩٧٨ع واري پرچي ۾ پڻ اچي چڪا آهن. هيلتائين انهي ڇڪتاڻ جو ڪو نبيرو نه ٿيو آهي. جيستائين ڪا چنڊ ڇاڻ ٿئي تنهن کان اڳ سنڌي ادب سان چاهه رکندڙ ڪيترن دوستن جي دلچسپي اشتياق جي حد تائين پهتل پئي ڏسجي. سندن خيال مطابق اهو ڪلام ڪنهن جو به آهي پر هيڪر هتي سنڌ ۾ به منظر عام تي اچڻ کپي ته جيئن انهيءَ تاريخي دور جي سنڌي شاعري، سنڌي ٻولي ۽ خود شاعر جي سوچ ۽ سياءُ جي ڪا پروڙ پئجي سگهي. انهيءَ ڳالهه کي ڌيان ۾ رکي مون هٿ پير هنيو ۽ اتفاق سان اهو ڪتاب ملي ويو. ڀيرين سٺ ۾ جڏهن ان کي پڙهي پورو ڪيم ته محسوس ٿيو ڪلام واقعي اهڙو وسن جهڙو آهي جو ان کي هن زماني ۾ شاهه ڪريم، شاهه لطيف ۽ خواجه محمد زمان لواريءَ واري جي ڪلام کان نرالو ۽ نواڻ ڀريو چئي سگهجي ٿو خاص ڪري شاهه ڪريم جي ڪلام ۽ هن ڪلام جي الڳ الڳ اهميت آهي جيڪي ٻئي ٿوري وٿيءَ سان نائين، ڏهين صدي هجري سان تعلق رکن ٿا.

هن ڪتاب ۾ ڪل هڪ سو ٻارهن بيت پرائڻ بيتن کان علاوه آيل آهن جن مان ايڪونجاهه بيت چونڊ ڪري مختصر معنيٰ ۽ مطلب سان هتي ڏنا وڃن ٿا اصل

هن ڀيري ’پيغام‘ جي اشاعت ۾ گهڻي دير ٿي آهي، جيڪا نه هئڻ گهرجي؛ پر لطيف سائين جي عرس جي موقعي تي اسان ٨٤ صفحن جو الڳ رسالو شايع ڪيو جنهن ڪري ماهوار اشاعت ۾ تاخير ٿي. جنوريءَ جي پرچي ۾ اسان ’قاضي قادن جي شاعري‘ تي بحث جاري رکيو آهي. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ بابت پڻ هڪ سيڪشن ڏنو ائون. مهراڻ جي موتين ۾ هن ڀيري حضرت شاهه فقير الله علوي (شڪارپور) جي پيرويءَ جوڳي زندگيءَ جو احوال شامل ڪيو ائون. ’پيغام‘ جا ٻيا مستقل عنوان بهرحال اسان جي سائين سينگاريا آهن، جن جو ٿورائتو آهيان.

—— ايڊيٽر

ڪتاب ۾ به ساڳيو تشريحي مواد هو پر مون ان ۾ ٿوري گھٽي ڦير گھير ڪئي آهي ته جيئن هتان جا سنڌي سولائي سان سمجھي سگھن. جيتري قدر انهي ڪلام جو قاضي قاذن سان واسطو ڄاڻايو ويو آهي ان جي مطالعي ۽ قاضي قاذن جي اڳين بيتن کي آڏو رکڻ ڪانپوءِ بنهي ۾ گھٽي تفاوت معلوم ڪرڻ جي صورت ۾ اهو شڪ ٿو ڄاڳي ته هي ڪلام شايد ٻئي قاضي قاذن جو هجي! هتي مثال طور قاضي قاذن جي نالي دستياب ٿيل اڳين پوين بيتن مان ڪي بيت ڏجن ٿا جيئن انهن کي هڪ ٻئي سان ڀيٽي ڪا راءِ قائم ڪري سگھجي:

اڳيون بيت:

جوڳي جاڳايوس، ستو هوس ننڊ ۾
تهان پوءِ ٿيوس، سنڌي پريان پيچري

هاڻوڪو بيت:

ستو هئوس ننڊ ۾، جوڳي جاڳايوس
مر وڃايائين مون منان، تت ويڪايوس

اڳيون بيت:

لوڪان نحو صرف، مون مطالع سپرين
سوئي پڙهيو سو پڙهان، سو ئي سو حرف

هاڻوڪو بيت:

هن آئي ونڊان وڃ، سيٽان ويڻ نه ڪٽ
پيهي منجهه ڪٽو ڪري، توکوٽي مون هٽ

انهن (اڳين پوين) بيتن ۾ پڌري پٽ وڏو تفاوت ڏسجي پيو. اڳين بيتن جي ٻولي سادي ۽ رواني واري آهي، هاڻوڪا بيت انهيءَ خاصيت کان بلڪل خالي آهن. اڳين بيتن ۾ سڌون سڌو سنڌي اسلوب پيو لڳي ۽ هاڻوڪن بيتن ۾ سراسر هندي انداز جون جهلڪيون ملن ٿيون. جيئن هي سٽون آهن:

۱- ٻين ڪون ڪيا روئٽي، ڏک اپٽي ڪون روءِ ۱۱
۲- ڏر جيون ڏنس سهن، ڳروائي پربت جيون ۱۴
۳- ڀڳا ساڄا نه ٿئي، من موتاهل ڪچ ۱۶
۴- اس چنگي ديوان مٿن، سا پي وچن مڪر گيان ۱۷

قاضي قاذن ديني عالم جي حيثيت سان مشهور آهي. پنهنجي عمر جو ڪافي عرصو قاضي القضات رهي گذاريو هئائين. ان مان ظاهر آهي ته ڪيس عربي توڙي فارسي تي پورو عبور حاصل هوندو ۽ جيئن اڳين بيتن مان پڌرو آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ به برک هيو ليڪن بيت نمبر ۲۰-۲۲-۲۳-۳۳-۳۶-۴۵ ۽ ۴۹ ۾ ڪتب آندل سنڌس خاص لفظ انهي حقيقت جي برعڪس آهن جهڙوڪ: عرس (عرش) سهر (شهر) جواڻ (جوان) قرآڻ (قرآن) سورا (سورهيه) ڪاگد (ڪاڳر يا ڪاغذ). ساڳي طرح بيت نمبر ۴۸ ۾ لفظ ڏڄڻ به درجڻ (دشمن) ڪتب آندو ويو آهي. اصل لفظ ته برابر ائين ئي هوندو پر سنڌيءَ ۾ اهو ڏڄڻ استعمال ٿيندو پيو اچي جيئن شاهه ڪريم جي هن سٽ ۾:

سڄڻ ڏڄڻ نه ٿئي، جي رسي سو وار

اهي مڙيئي لفظ جيڪڏهن اصلي حالت ۾ رهڻ ڏنا وڃن ها ته به ڪلام لانجهو نه ٿئي ها ۽ قاضي قاذن جهڙي عالم فاضل مان ته اهڙي توقع رکي نٿي سگهجي. ان کان علاوه هن ڪلام ۾ جيڪي ترڪيبون مان ٿيون سي به شاعر جي علم جي نفي ٿيون ڪن جيئن بيت نمبر ۱۱ ۾ 'بند سنيل ٿي ساختي' واري ترڪيب ۾ اها ڄاڻ نٿي پوي ته ساختي (مشغول رهين) کي مشغول رهه جي مفهوم ۾ ڪيئن ڪتب آندو ويو آهي؟ حالانڪ شيخ سعدي چوي ٿو ته: همه با هوا وهوس ساختي يعني (سدائين حرص هوس ۾ مشغول رهين صرف نحو جي اها سهو قاضي قاذن ڪري نٿي سگهيو. هڪ ٻي ترڪيب 'اتبان تل نه ڀير' به ملي ٿي جا سنئين سڌي هنديءَ تان ورتل آهي هنديءَ جو اهو واهپو هن ڪلام ۾ هر هنڌ موجود آهي.

لتاڙين لتن سين، ائين پهر عرس

ساڳيو لفظ 'عرس' (عرش) ڀڳت ڪبير جي دوهي جي هڪ سٽ ۾ پڻ ائين آيل آهي: اڪل (عقل) عرس سي آوتري، بدهنا دينهه ٻانت. هندي ٻولي سان قاضي قاذن جو ايڏو گهرو تعلق ڪيئن ڪڏهن ۽ ڪٿي پيدا ٿيو سو به ان حالت ۾ جڏهن پاڻ پڪو

مذهبي ماڻهو هيو ۽ مهدي جونپوري جهڙي، عالمگير اسلامي رياست جي مبلغ جي بيعت ڪئي هئائين يا سندس وڏو معتقد رهي چڪو هو. اها نشاندهي سنڌ جي ڪنهن به تاريخ يا تذڪري مان نٿي ملي. جي اهڙي ڪا ڳالهه هجي ها ته گهٽ ۾ گهٽ مير علي شير قانع جهڙو نامور مورخ ان کي نظر انداز نه ڪري ها. انهن حقيقتن جي آڌار تي پوري پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته اهو ڪلام قاضي قاذن جو ٿي نٿو سگهي نه وري ان تي ميان مير جو نالو مڙهڻ گهرجي بلڪ اهو ڪلام ماڳهين ڪنهن ٻي گمنام شاعر جو سمجهيو وڃي.

هاڻ اصل ڪلام پيش ڪجي ٿو جنهن جي صورتخطيءَ ۾ ڪجهه ڦير گهير ڪئي اٿم:

۱- ستا هتوس ننڊ ۾، جوڳيءَ جاڳايوس
مر وڃايائين مون منان، تت ويڪايوس

آءٌ ننڊ (گمراهي) ۾ هوس ته جوڳيءَ (مرشد) اچي جاڳايو جنهن جي فيض سان منهنجي من جو مير لهي ويو (اندر اُجرو ٿيو) ۽ مونکي انهيءَ انت جي ڪل پئجي وئي ته زندگي جو اصل مقصد ڪهڙو آهي.

۲- ستو هئو جاڳ، راتڙي سڀ وهاڻيان
مٿئين ٿيو ۽ ياڳ، پرين وسارڻ جي نه ڪر

تون ٻه ننڊ ۾ آهين ته سجاڳ ٿيءُ، رات وهامندي پئي وڃي، ياڳ پيڙو ٿيڻ ٿو چاهين ته اٿي پنهنجي پرينءَ جي پچار ڪر. يعني مقصد ماڻڻ لاءِ هٿ پير هڻ ته ڪا حاصلات ٿيئي.

۳- ليهان لڪ ڪيام، پسڻ کي پاڻان پرين
سوجهي سيڻ لڌام، تن منجهين ئي سپرين

پرينءَ کي پسڻ لاءِ ڏاڍا جتن ڪيم ۽ جو ڪا سٿم پر ڪجهه نه وريو، نيٺ پنهنجي اندر ۾ جهاتي پاتم ته اتان ئي پرينءَ جو پرو پيم - جنهن لاءِ هڏانهن هوڏانهن پئي ووڙ ڪيم سو منهنجي ئي من ۾ موجود هو.

۴- روني م ڪر پدرو، هٿ منجهيئي جال
جان جان پريان نه مڙءِ، تن ڪانيءَ جيئن ٻال

روني پنهنجا پرڪار پدرانه ڪر، تو ۾ جو هٿ آهي تنهن کي ماري ڇڏ، جيستائين پرين نه ملئي پاڻ کي ڪانيءَ جئن پيو ساڙ - پاڻ کي فنا ڪرڻ ڪان پوءِ ئي پرينءَ تائين پهچڻو پوي ٿو.

۵- وچاران وي پٽ، تون جهل ٻاهر نڪري
اسان هنجڻون هٿ، ڪامڻ لوسڻ منجهه ٿيو

پنهنجي ويچارن جي ٻٽيءَ کي ڍڪ ڏئي ڇڏ ته جيئن ٻاهر ٻاڦ نه نڪري (راز فاش نه ٿئي). اسان ٻه پنهنجي ئي اندر ۾ جلي ڀڄي رهيا آهيون - سالڪ پاڻ پري پوءِ ٻين لاءِ ٻاري (روشني نروار ڪري) رهندا آهن.

۶- ڪڏهن ٻيريءَ پور، ڪڏهن ڦل نه هيڪڙو
ڪڏهن پريان جا پور، ڪڏهن سڪان سڏ ڪي

پير ۾ ڪڏهن پور هوندو آهي ته ڪڏهن ٻير ئي نه هوندا آهن. اسان کي ٻه ڪڏهن پرينءَ جا پور ته ڪڏهن اوسيئڙي جا سور آڏو اچن ٿا. عشق ۾ ته اهي لاهيون چاڙهيون هونديون آهن جن کي آزمائش سڏجي ٿو.

۷- ڪنجي ڏئي جهليو، جنهين روح رساو
تنهين سندي تلهڙي، سونهاري سياو

جن (محبوبن) ڪنجي هٿي قابو ڪري ڇڏيو آهي تن جي تلهڙي (فرمانبرداري) هر حالت ۾ ڀاڳ جي نشاني آهي. جنهن سان پيار ڪجي تنهن جي پوئواري آخر هڪ ڏينهن منزل مقصود تائين رسائي ٿي.

۸- جي لوڙي تي نه لهان، الوڙي دي ڍير
توڙي ڏسڻ سهٽي، انبان تل نه پير

جن جي لوڙ آهي سي ملن ئي ڪين ٿا ۽ جي نٿا کپن تن جا ته ڍير لڳا پيا آهن. پر اهي ڪهڙي ڪم جا؟ پير ڪٿي ڪيڏا ٻه سهڻا هجن ته ٻه انبن مٽ ڪو نه آهن. صورت کي ڇڏي سيرت کي ئي ڏسڻ گهرجي.

۹- سوني سرپ نه لوڙيان، جي لوڙيان ٿا لڪ
مون تنهان سندي ٻڪ، جنهين مستڪ مٿي ٻلڪ

سي (بنا مڻ وارا) سپ نه ڪپن جي ڪپن نه ڪوڙ پيا آهن. مونکي ته انهن اصيلن جو ڪپ آهي جن جي سٽي ۾ مڻ هجي. مٽيادار ماڻهون ئي مهابي وارا ٿين ٿا جن ۾ مٽيا نه آهي تن مان ڀلا ڪهڙي هڙ حاصل ٿيندي.

١٠- ڀهرين پاڻ پرک، پرين پرکڻ ساڪڙا
در ڀي سوئي رک، جتان ڏڪا نه لهين

پرين پرکڻ ته سولا آهن پر تون ڀهريان پاڻ کي پرک ته ڪو پتو پوئي، در ڀي اهو ئي دار جتان توکي ڏڪا نه ملن. پاڻ پرکي پوءِ ڪا ڀي پچار ڪر. انهيءَ در ڏانهن رخ رک جتان ڏڪبي نه سگهين.

١١- ڀين ڪون ڪيا روئي، ڏک اٿي ڪون روءِ
ٻنڌ سنيل ئي ساختي، اٿ نه رهسي ڪوءِ

ڀين جو پنڪو ڇڏي پنهنجي ڪا ڳڻ ڪر، جلدي ڪو ثمر ناهي وٺ جو هتان هر ڪو هلڻ هارو آهي. خالي هٿين رهجي وئين ته اڳيان پڇتائيو پوندءِ.

١٢- وچ، بادل ۾ واءُ، ٻج نه لهرين لڳيو
ستر سونهان جانءِ، ٻيڙي ٻڏڻ ناهه پو

طوفان جي ڪري جيڪڏهن لهريون زورائتيون آهن ته ٻج نه چاڪاڻ ته ان حالت ۾ جڏهن تنهنجو سونهون (اڳواڻ) ستير آهي ته ٻيڙي ٻڏڻ واري ناهي. يا پاڻ شينهن ٿيءُ يا شينهن ڪلهي لڳ ته لوڏن لمن کان بچاءَ ۾ رهين.

١٣- پرين وساري رت روئن، ڪهڙي ري ڪارڻ
ڪنچن راس وڃاءِ ڪي، ڀڪئن ڏوڙ پون

پرين (مقصد- اصول) کي هٿان وڃائي ايااتا اجاڻ پيا هنجون هارين ۽ رت روئن، اهو به انهن ئي ٿيو جيئن ڪو موڳو، سون وڃائي ڏڏڙ جا ڀڪ ڀري.

١٤- ڏرجيون ڏنس سهن، ڳروائي پربت جيون
سيئي سيڻ ڪجن، آئي واءُ نه ڏولئين

سيڻ آهيئي ڪجن جيڪي ڌرتيءَ وانگي بارگهر ۽ پهاڙن جتان ڳنڀير هجن، جن کي ڪو به واءُ لوڏي نٿو سگهي. هلڪڙا يار هيئين جو بار ۽ حياتي جو آزار هوندا آهن.

١٥- پاٺه واٺي رنگ ۾، پاٺو واٺ رتاس
رنگيندو پاڻ ڏئي، سيي رنگ سنداس

ڏئي پاٺهين پنهنجي رنگ ۾ رتل آهي سيئي رنگ سندس ئي آهن جنهن رنگ ۾ چاهي تنهن ۾ ڪنهن کي به رنگي سگهي ٿو يعني ته سڀ رنگ انهيءَ جا ئي راس ڪيل آهن.

١٦- ڀڳا ساجا نه ٿئي، من موتا هل ڪچ
ڪنين سٽي نه سنئي، اکين ڏٺو ئي سچ

هي من موتيءَ سمان آهي، ڀڳو ته سهو نه ٿيندو، انڪري ڪنن ٻڌي ڳالهه تي ويساهه ڪرڻ بدران اکين ڏٺي ڳالهه تي باور ڪرڻ جڳائي جنهن جي سچائي ۾ شڪ ئي نٿو سگهي.

١٧- جي جي ٻولي مٺن ڪيئي، سو سو مڄهه نه ٿيان
اس چنگي ديوان مٺن، سيي وڃن مڪر ڳيان

مون جيڪي قول ڪيا تن مان هڪڙو به نه پاڙيم، مان ڪهڙو نه ڇگو مڙس آهيان جو پنهنجي ڳالهه تان مڪري ويس.

١٨- سيچاڻان اتي سينهن، ڏو وئن وسن جهنگ ۾
سوڪڙ ڪاون ڪينءَ، ماس جنهين کو لکيو

باز ۽ شينهن ٻئي جهنگ جا رهواسي آهن انهن کي ماس کائڻ سان مطلب رهي ٿو، اهي ڪڙڪين کائي سگهندا.

١٩- اکيون آڪا سانهه، نوجون ڪري آلٿيون
سوڙهي گلي منجهانهه، سوجهي پرين لهنديون

اکيون هيڏي ساري ڪائنات جا ڪوڙي واپس ٿيل فوج جتان وريون آهن. هاڻ سوڙهي گليءَ مان ئي پنهنجي پرينءَ کي ڳولهي لهنديون.

٢٠- جنهين جان جدا ڪي، تون مهه تنهين پس
لتاڙيـن لتن سين، اٿئي ٻهر عرس

جن عشق ۾ پاڻ کي ٻورو ڪري ڇڏيو تن سان وڃي مل. هي آهي آهن جهڪي اٿئي ٻهر عرش